# مهران

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ١٧، نمبر ٤

١٩٦٨ع




سڌڙئا سڌون ڪَنِ،

سدا مُند شراب جي،

'قاسم'، ڪڙي ڪڪوه جو،

تَرو نہ چُتو تَنِ،

جِيءَ ڪڙا ڪيا جَنِ،

پِيتيُون تَنِ پِيالِيون!

- خليفو نبي بخش


سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ


Rs 20



ستين جو ٿان، روهڙي (سنڌ)

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ١٧ | نمبر ٢

فهرست

گذارش ـــ ادارو.

تحفو/ سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو ........ کاز
تحفي طور/ خريد ...... ويو

شعر

بيت (ص ٩)، دوها (ص ١٦)، ڪافيون (ص ١٨)، وايون (ص ٢٣)، گيت (ص ٢٧)، لوڪ گيت (ص ٣٣)، نظم (ص ٣٩)، آزاد نظم (ص ٥٢)، غزل (ص ٥٤)، قطعا (ص ٧٨)، رباعيون (ص ٨٠).

مقالا

١. سنڌ جي تاريخ جا چند واقعا ـ پير حسام الدين راشدي ٨٥
٢. پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ ـ محرم خان ايم. اي. ٩٨

لوڪ ڪهاڻيون

١. "سنڌ ـ راڻي" ـ ممتاز مرزا ١٦٥
٢. شهزادي سامريءَ جي ڳالهه ـ "ذوالفقار" راشدي ١٧٣
ـ تبصرا ـ ادارو ١٧٨
ـ "آديسي آئي ويا..." ـ پير علي محمد راشدي ١٨٣

ايڊيٽر: غلام محمد "گرامي"

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ

"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.

ملڻ جو هنڌ:

١. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، "امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.
٢. سنڌ جا سڀيئي وڏا ڪتب فروش.

Rs 2 [illegible]
8.00
قيمت [illegible] رپيا

ساليانو چندو ١٠-٠٠ رپيا    في ڪاپي ٢-٥٠ رپيا

Printed and Published by Shaikh Ali Mohammad, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book stall, "Amin Manzil", Gadi Khato, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## "مهراڻ" جو شاعر نمبر

سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" متعلق، بورڊ جي هڪ خاص فيصلي موجب، هر سال، هڪ خاص نمبر شايع ڪرڻو آهي. مثلاً 'شاعر نمبر'، 'افسانه نمبر'، 'ناول نمبر'، 'ڊرامه نمبر'، 'شخصيات نمبر'، 'مڪاتيب نمبر'، 'آپ بيتي نمبر' وغيره.

هن سال ١٩٦٩ع جي شروعات سان، ان سلسلي جي ابتدا ڪندي، "شاعر نمبر" شايع ٿي رهيو آهي. ان ضخيم نمبر ۾ زنده شعراء ڪرام جو منتخب ڪلام، فوٽو ۽ مختصر سوانح حيات ڏني رهيا آهيون.

جڏهن ته 'شاعر نمبر' جي مواد جي جمع ۽ ترتيب جا فني مرحلا اهڙا آهن، جن تي ڪافي وقت صرف ٿيو آهي. اخبارن جي اعلانن ۽ بار بار خطن لکڻ جي باوجود، اسان جي مهربان شاعرن، مواد ديرمدار سان پهچايو آهي. ڪيترن دوستن اگر مواد موڪليو ته سوانح ڪانه اماڻي، پر جي مواد ۽ سوانح ڏنا ويا ته فوٽو نه موڪليو ويو! بار بار ياد ڏهانيءَ جي ٻه ڪيترن ڪرم فرما دوستن جي توجهات خصوصيءَ کان محروم رهجي وياسين. تاهم وڏيءَ جاکوڙ ۽ جدوجهد، نيازمندانه معروضات ۽ ذاتي ڪوشش سان، پوري مواد تيار ڪرڻ، سهيڙڻ، درست ڪرڻ ۽ ترتيب ۾ آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي آهي. جن بزرگن ديرمدار سان پنهنجي محبت ۽ تعلق سان نوازيو آهي، اسان انهن جا ٿهه شڪرگذار آهيون.

ڪيترن شاعرن صفائيءَ ۽ خوشخطيءَ جو خيال نه رکيو آهي. ظاهر آهي ته انهن جي مواد جي نقل ۽ اصلاح جو مسئلو اداري لاءِ ڪافي دقت طلب رهيو آهي. تاهم ان مرحلي کي به فني معيار جي آخري مرحلن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون.

هن ضخيم نمبر ۾ انشاءالله سنڌي شاعرن جو پورو ساٿ شامل ٿي چڪو آهي. قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شعراء سان گڏ نوآموز اهل ذوق کي به قابل قدر جاءِ ڏني وئي آهي.

"شاعر نمبر" پنهنجي اشاعت جي آخري ۽ تڪميلي مرحلن ۾ آهي. انشاءالله سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ مستند ۽ قابل فخر تاريخي يادگار رهندو. هي هڪ اهو فني تذڪرو آهي، جنهن جي مواد تان اڳتي هلي، صدين تائين اسان جا اينڌڙ نقاد ۽ محقق، مورخ ۽ تذڪره نگار استفادو ڪندا رهندا.

اها هڪ شڪايت نہ پر حڪايت آهي تہ اجا تائين بہ ڪن شاعرن جي مواد يا سوانح يا فوٽي ڪي هٿ ڪرڻ لاءِ اداري وٽ گنجائش آهي. جيڪڏهن هن ڪان پوءِ بہ ڪو مواد پهتو تہ ان کي ترتيب ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي: نہ تہ ضميمي طور منسلڪ ڪرڻ لاءِ بہ گنجائش پيدا ڪئي ويندي.

هن ضخيم نمبر جي تياريءَ جي سڀني علمي ۽ فني، دقت پسند مرحلن ۾، توڙي مواد جي انتخاب ۽ ترتيب جي مسئلن ۾، حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ" چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جي توجهات خصوصي ۽ مشورن حوصلہ افزائي ڪئي آهي.

ان طرح ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهہ "بيخود" حسيني، اعزازي سيڪريٽريءَ جو ادارو پڻ شڪرگذار آهي، جنهن پوري مواد جي سهيڙڻ ۽ ترتيب جي ڪم ۾ آخر تائين تعاون ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ محترم غلام رباني صاحب اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي فني مشورن ۽ تعاون پڻ اداري کي ڪافي نوازيو آهي.

ان سلسلي ۾، "مهراڻ" آفيس جي محنتي رفيق، مسٽر پريو "ناشاد"، مواد جي اصلاح ۽ ترتيب سان گڏ صفائيءَ سان ڪاپي تيار ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪئي آهي. ان جو پڻ ادارو شڪرگذار آهي. — السعي مني والا تمام من الله تعاليٰ. — غ. م. گ.

---

”سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ايتري دماغي ڪاوش، ورق گردانيءَ، خيال آرائيءَ، غور و فڪر، دل جي واردات ۽ ڪيفيات مان پيدا ٿيل ’فن‘ جو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟ شاعر، اديب، فنڪار ۽ اهل قلم، ايتري جاکوڙ ۽ جدوجهد آخر ڪري ڇا لاءِ ٿو؟

”ان سوال جا ڪيئي جواب ٿي سگهن ٿا ۽ هيل تائين بہ ڪافي جواب پيدا ٿيا آهن: ان سوال جي جوابن جو سلسلو ايندڙ دؤر تائين هلندو رهندو.

”جناب عالي: منهنجو مختصر جواب هي آهي: ’فن‘ جو اصلي ۽ ازلي سرچشمو آهي ’محبت‘! شاعر، عالم، فيلسوف، وطن دوست، فنڪار سڀ ان مان فيضياب ٿين ٿا. ان کي ڳائن ۽ وڃائن ٿا. ان کي پکيڙڻ لاءِ فنپارا پيدا ٿا ڪن. شاعري ان جي زبان آهي. ڇو تہ ’ڪائنات ۽ انسان ۽ حيات‘، تنهي جي اونداهي دنيا ۾، ’محبت‘ روشنيءَ جو نوراني قنديل آهي.

”هيءَ اها رنگين ۽ ڪشش انگيز اندلٺ آهي، جنهن جا رنگ، هر ويل تي، صبح جي ستاري وانگر روشن آهن!

”معصوم ٻار جي ٽهڪندڙ چهري کي، توڙي ٻڍڙي جي بيروح دل کي، حرڪت ۽ حرارت، ’محبت‘ ئي ٿي پهچائي!

” ’محبت‘ مان فضائن ۾ نغمن جو ناچ ٿئي ٿو، ۽ نغمو محبت جي زبان آهي. ’محبت‘ جو جادو ئي آهي، جنهن مان مٽيءَ جون مورتون اُڀري، مقدّس ديوتائن جو روپ وٺن ٿيون!

”اگر انسان جي دل ’گل‘ آهي تہ پوءِ محبت منهس ’سرهاڻ‘ آهي!

” ’محبت‘ مان زندگي آباد آهي. ’ابديت‘ محبت جو حسين خواب آهي!

” ’محبت‘ عين انسانيت آهي، ان ڪري فنڪار جو عظيم مقصد آهي ’محبت‘." - غ. م. گ.

ڪيان قرب ڪُنڊين سان، هُجان پورين پَر،
هلي آءُ هُن پَر، ”ميرل“ ملان ميهار سان!

سهڻيءَ ڪي ساهڙ جي، هُئي ساهه اندر ۾ سِڪَ،
ٻوڪي پئي درياهه ۾، سرڙو ڏيئي سِڪَ،
چولين چاتي تي چِڪَس، جيئن سارين سَٽَ،
ڀڳڻ پوءِ پسڻ ”ميرل“ ميهر سان ملي.

عمر آندي ڪوٽ ۾، نيڌر نمائي نار،
وينگس وهائي ويئي، نيٺن منجهان نار،
ميوه انب آنار، آڇلي ڏنائين عمر کي!

منهنجي ملڪ ملير تي، جَرَ وهن ٿا جام،
آڇ نه اجڙوال کي، شربت سندا جام،
ڪيل پنهنجا انجام، پاڙيندس پنهوار سان.

تون تماچي تڙ ڏٺي، مان گندري مُهاٺي،
ڏکين ڏول ڏلائيون، آءُ عيبن هاڻي،
حال منهنجو هاڻي، سمورو تو شاهه کي!

اڱڻ ايندين عجيب تون، ٿينديون اکيون چار،
پرين پُڇندين پيار سان، پوري خبر چار،
ويندا سور سموهجي، ڪري پرت-پچار،
پوءِ اهو پرچار، ”ميرل“ ٿيندو ملڪ ۾!



# دوها

عبدالجبار "شام"

وِره وڇوڙو اڳڪو آهي، سؤڪو تنهنجو سنگ،
تنهنجي جوت جلي ٿي جيءَ ۾، تنهنجي آهه آسنگ.

توريءَ ڪنهن سان راز نہ سلبو، رکبي ڪين پريت،
جڳ وارا سڀ آهن اناڙي، نہ ڄاڻن پريت جي ريت.

ساجن تو ٿي سينگاريو آ، سپنن جيو سنسار،
تنهنجي دم سان ئي ٿي پوندو، چڻ بر ۾ هڪ بازار!

ماڻهوءَ جي ڏس ذات ڏِنگي آهه، اِهو رکج تون ڌيان،
هي ماڻهو ڏس حرفت سان، ڪئن چوائي پيو اِنسان.

ماڻهو ڪنهن جي پريت نہ سهندا، ڪندا ڪيئي ناٽَ،
پاڻ سنڀالي هلڻو آهي، آهه اولداهي ٻاٽَ.

پريت جي ويرين کان ڳڏجي ڪو، وير ونون اڄ ناهي،
جوڙ اسان جو سهڻا سائين، جڳ سڄي ۾ ناهي.

پل پل اوسيڙو آهه تنهنجو، پل پل تنهنجا پورَ،
آس نہ لاٿي آهي تو سان، ايندين نيٺ ضرور.

مون برهه جي پيرن ۾ ڏس، لڄَ جا پيا زنجير،
برهه جا ڏک دور ڪرين تون، برهه جو تون ڌير.

نُور ڀريا ٻئي نيڻ هي تنهنجا، نُور ڀري پيشاني،
ڪهڙي ديس کان آيو آهين، ناهي تنهنجو ثاني.

پريمَ پکيڙا! تو لئہ ناهيو، آکيڙين ۾ آکيرو،
ساجنَ تو ۾ سونهن پري آ، منهنجو من آ ميرو.

ٻنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي، ڪونه ڏسي تو ڪير،
ڀاڻ ئي ٻيري هڙ چورائي، ڀاڻ ڪٺي تو ٻير.

هيءَ نگري آ ڏک جي پيارا، سک هيتي ڪو لاهي،
هرڪو پاڻ کي سير ٿو سمجهي، هرڪو سينو ساهي.

سچ جو آهي سؤدو اسان وٽ، سچ جي آهي وائي،
جيڪو سچ کي آڏو ايندو، تنهن سان آهي لڙائي.

محمد سومار شيخ

هاريو هاريو عمر سڄي مون، سڄي عمر مون هاريو،
تڏهن به منهنجا ڍولڻ توکي وري وري مون ساريو!

اڃا اکين ۾ لڙڪ پيا هين، تو لئه ٻئي سي هاريان،
تو ته وساريو مون کي ڍولڻ، توکي ڪيئن وساريان؟

مٺڙا مُور نه مٺڙا رهندا، آهي به ڪارا ٿيندا،
زهر جو ڏنگ ڪڏهن له ڪڏهين، هٿي نيٺ ڇڏيندا.

ڪنهن کي پنهنجو ڪري نه ڀانئج، سيئي ڏاريا ساز،
وڃڻ ويلي سيڪو پنهنجو، آلاپي آواز!



# ڪافيون

## "محسن" ڪڪڙائي

*

اسان پاليو ته ملندو ڪو سُک وري ميان،
پر پيار ڏنو ٻيڻو ڏُکُ وري ميان.
اسان پانيو ته......

دل دوستُ ڪٿي، وڃي ويٺو ٺري،
جيڪو آهه ٺري، تنهن کي ڇا ڪو ڪري،
وري ورق وصال جو جڏهن وَري؛
تيسين ويٺو جيءَ ۾ جهُڪُ وري ميان.
اسان پاليو ته......

سَهُه سُورَ سدا، ڪنهن سان حال نه ڪر،
ڪنهن تي ڏوهه نه ڏي، تڏا ساهه نه پَر،
سِڪ سالين، نه ڪَٽيهُ پاڻُورَ پَهَر؛
هيو دل ۾ دائم ڌڪُ وري ميان.
اسان پانيو ته......

"محسن" جي سَدائين ڏي نه ڏِسو،
اوهين آهيو پَلاءَ، پنهنجو پالُ ڪجو،
هيڻا حال ٿيا، مَنَ هاڻ اچو:
اچي پنهنجو پاليو مُکُ وري ميان.
اسان پانيو ته......

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

"جليل" سروري

*

عجب آهي عجيبن ريءَ اکين کي انتظاري ٿي،
وڇوڙو ٿو ڀوي جيئن جيئن، وڌي تيئن بيقراري ٿي!

خدايا هي عطا تنهنجي، ڪڙي قاتل مثال آهي،
اسان ڪان زندگي جي مٺي نه ايتي ٿي نه هاري ٿي!

جنين کي ڪاريهر وانگي ڏنگيو تنهنجي ڪنڍين ڪارين،
انهن ڪان هن جهان ۾ هڪ گهڙي ٻي ڪين گهاري ٿي!

سلامت شل هجن سهڻا ڪکوريل ڪاريون ڪجليون،
ٿئي ٻن جي ڏسڻ سان دردمندن کي بهاري ٿي.

سوين صدما سٺا سر تي، سنڌ خاطر، سڄڻ سائين،
مگر منهنجا سٺا توکان ليائي ڪين ياري ٿي!

"جليل" عرصو ٿيو اکيون مليون، ليڪن اجا تائين،
عجيبن جي اٺي اک جي نه آ دل تان وساري ٿي!

"استاد" بخاري

*

ڪنهن تي دانهن ڏيان، ڪنهن وٽ دانهن نيان،
پنهنجيءَ ذات ڪنيس، آدم - ذات ڪنيس!

روڪيس ڪانه رٿن، جبلن ڪانه جهليس،
ڏينين ڪين ڏنگيو، ڪاريهر نه ڪکيس،
آيو پياءُ اڳيان، هن ڪان شال بچان:
پنهنجيءَ ذات ڪنيس......

لانگهو ساڳيو هو، دريا ساڳيو هو،
ساڳيو هو نه گهڙو، پينر پيلو هو،
ڪنهن جا قرب سچان، گهڙا قرب سچان:
پنهنجيءَ ذات ڪنيس......

وک وک چار ڀيل، گھر گھر ٻاھ ٻريل،
جت ڪٿ جنگ جٽيل، جھٽ جھٽ خون خلل،
ماٺھوءَ ماٺھوءَ سان، کھڙا ڀير ڪنيان:
پنھنجيءَ ذات ڪنيس......

ڪنھن کي زھر مليو، ڪنھن جو ملڪ مٽيو،
ڪنھن تي ڪرت اڙھو، ڪنھن جو ڪند ڪٽيو،
"استاد" آھ اڄان، بيحد زور بيان:
پنھنجيءَ ذات ڪنيس......

## "سرويچ" سجاولي

*

عُمَر آھي ڪوٽن ۾ منھنجو ڪجاڙو،
ڏسان ٿي وڃي آءٌ پھنوارن جو پاڙو!

وساريان نہ وانگي، وطن ويڙھ واڙيون:
لکن تنھنجي ماڙين ڪيان مون ڪي آماڙيون.
سيڀل ساھ سانگين سان سوگھو ستاڙو!
عمر آھي ڪوٽن ۾ منھنجو ڪجاڙو!

سندم سينڻ سانگي تہ سادا سونھارا،
نہ ڪنھنجيءَ ۾ آھن ھو وانگي ويچارا؛
ھنيئي چو ھچارا، ڏنارن جو ڏاڙو!
عمر آھي ڪوٽن ۾ منھنجو ڪجاڙو!

نہ وسرن ٿا مون کي منڌي ليتا ماتيون،
پھنوارين سان پيشديس جھٽيون جام گھاتيون،
آھيان تيد ڪُلفن آندر ڏينھن ڏھاڙو!
عمر آھي ڪوٽن ۾ منھنجو ڪجاڙو!

ڏنم نينڊ ۾ رات "سرويچ" سانگي،
وٺي ڪرَ ويا ٿم وطن پنھنجي وانگي،
پيان ڪيرَ ٻيشي لٿم روج راڙو،
عمر آھي ڪوٽن ۾ منھنجو ڪجاڙو!

احمد خان "آصف"

*

تُنهنجي حسن، جمال جي جلوي جهلَڪ،
نيون؟ هوش سندم، وئي سُرت سَمَڪ!

تُنهنجو مون نہ ڏٺو مَٽ، سُور ڪٿي،
توسان هام هڻي، پَري حور ڪٿي؛
تنهنجي سِڪ ۾ سِڪن، جِنَ ماڻهو مَلَڪ!

توڙي قلب سندو تيو ڪاڍو اٿم،
سِڪ تُنهنجي ڏنو ڏيُ ڏاڍو اٿم:
ڪوڙهي ڏاڻ ۽ ڏپ، ناهي دل کي ڏڙڪ!

تُنهنجو پاڪ پيار ۽ چاهہ ڏسي،
تُنهنجو قرب ڪرم وہ واہ ڏسي:
دل توکي ڏني ڏنم ڏاڍا ٺهَڪ!

لڳو عشق اکين منجهان اشڪ وَهيا،
سوين سُور رڙهي منجهہ روح رَهيا:
تيو "آصف" هِڪ ڏُک درد ڪَٽَڪ.

احمد خان "اختر"

*

ڪنيم درد دل جو، حياتي ٿي پوري!
هِتي ٿِي ڏکن جي، سکن تي عُبوري!

جنهين ساريون راتيون، ڪري روح رهائيون،
پڌايون طرح طرح جون ٿي ڪهائيون،
آنهن اج ڏياري‍ـ‍ـ‍ـ‍ـمون کي سيج سوري!

کيم چو وفا، بيوفائن سان هردم،
ڦري جي مون ڪان، منهن مٽي وياڻي يڪدم،
نہ ويجها وس اڄ — پسند تن ڪئي دوري!

نباهي مون آخر، ڪئي اڄ پڄاڙي،
خدا جي توڪل تي، هُنر ڀرِ جا ياڙي،
مٿم ٿي مدامي — نظر تنهن جي نُوري!

ڪيو جيئن ڦوڙائي، مون "اختر" ويچارو،
سکيو تيئن ٿي ماجن، سندم سِڪ سهارو،
لنگهي لطف سان لڪَ — پسان هُت حضوري!



# وايون

"قمر" شهباز

آپ جي اک چو آلي آهي،
وڄ ڀلا چو هَرَ هَرَ تڙپي؟

ڪَڪَرن جي ڪِيهُن ۾ کهڙي،
اڄ ڪا بات لرالي آهي:
وڄ ڀلا چو هَرَ هَرَ تڙپي؟

پَلُ پَلُ سوريءَ وانگر سمجهي،
رات اسان ڀي جالي آهي:
وڄ ڀلا چو هَرَ هَرَ تڙپي؟

مَنَ جي بنَ ۾ مور اڪيلو،
ساٿيءَ لاءِ سوالي آهي:
وڄ ڀلا چو هَرَ هَرَ تڙپي؟

سوچيان ٿو، مون ڪنهن جي ڪارڻ،
ذات جي ذائڻ ٻالي آهي:
وڄ ڀلا چو هَرَ هَرَ تڙپي؟

ولي محمد "وفا"

توکي اکڙين ساڻ مان لايان،
او خطڙا سڄڻ جا!

توکي پڙهي پڙهي مسڪايان:
خوشيءَ سان ڳايان - او خطڙا سڄڻ جا!

توکي ڏسي ڏسي شرمايان،
هئين سان لڳايان- او خطڙا سڄڻ جا!

توکي وهائي هيٺ لڪايان:
يا سيني ۾ سمايان- او خطڙا سڄڻ جا!

## "آثر" ناٿنشاهي

آرس کي ڇڏي اڪ پٽ جيڏا، ڏس ء دنيا جو ڏونڻ، الا او-
ڏس ء دنيا جو ڏونڻ!

جيءَ ڳري ٿو جانده جو ۽ پيٽ پري ٿو تونڻ، الا او-
ڏس ء دنيا جو ڏونڻ!

تنهنجي مومل ڏي او راڻا! وڃي رهيو آ ڏونڻ، الا او-
ڏس ء دنيا جو ڏونڻ!

ويرين ڇڏيو آهه وڇوڙي، باغيچي کان پونڻ، الا او-
ڏس ء دنيا جو ڏونڻ!

ماڪيءَ جو متو موکي سمجهيو آهه پپر جو ڪونبڻ، الا او-
ڏس ء دنيا جو ڏونڻ!

## احمد خان "آصف"

دوست بنان دل ماندي،
ورهه نه ڏئي ويساندي!

ساهه سٿون سورن کي ساندي،
عشق امانت آندي!

آس اهائي آهي، هجان شل،
هوتن سان هيڪاندي!

سينو سيڪ ۾ صاف ٿي ويڙو،
چمڪي چڻ چنڊ چاندي!

جُودَون جيءَ ۾ سيج سينگاريم،
ويهه سڄڻ سيراندي!

"آصف" جنت جڳ ۾ آهي،
پرين جي پيراندي!

## رحيم بخش "قمر"

منهنجو تون مطلوب،
طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

صورت تنهنجي سهڻل سائين!
خالق خلقي خوب: طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

مُرڪ منجهان ٿو موتي هارين،
ڏند تہ خوش اسلوب: طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

تنهنجي وصل لئي تڙپي پيئي،
منهنجي دل مغلوب: طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

سائينءَ ڪارڻ سار لهج تون،
منهنجي اچي محبوب: طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

شمس و "قمر" کان سهڻو آهي،
منهنجا مينا مرغوب: طالب تنهنجو آهيان ازل کان!

## احمد خان "اختر"

عشق جي منزل اوکي ناهي، عشق ئي ڪر استاد،
ميان! جنهن کان رهين تون شاد! عشق ئي ڪر استاد.
پاروتڻ جا پولَ تون، ڪر يڪانہ ياد!
جمندي نا تنهنجي جام کو، پيرهہ پڌري بُنياد!
ڏک سواءِ سک نا سري، ايءَ آزلَ ايجاد!
عشق جي ئي احسانَ سان، "اختر" ٿيو آباد!

غلام حسين رنگريز

کول پکيڙا، پرڙا پنهنجا، اڏري ڏس آڪاس:
اڏري ڏس آڪاس!

ڇُوڙي لاڪو قيد قبولين، ڇوٽو ٿئين نراس:
اڏري ڏس آڪاس!

ڏُوڙ ڏڏڙ ڪان ڏُور ٿيو ۽ وٺ تون پيو ڪو واس:
اڏري ڏس آڪاس!

ڪاڄ هي ڪاڏا، ٻنه جا سارا، ڪندئي لهوڙي ناس:
اڏري ڏس آڪاس!

ڀڄرو ڀُرزا ٿيندو، ڀُوري ٿينهي تنهنجي آس:
اڏري ڏس آڪاس!



# گيت

مرحوم لطف الله بدوي

## حال ٿيو حيران

ساجن تو ريءَ دل جو مندر آهه بڻيو ويران!

ديپ جلايم اَن جي اندر، ٿورو ٿي پيو تيل،
وَتِ ڪتي پئي ديپ وسائيو، قسمت جو هي کيل،
ڪهڙو ڪريان ارمان؟!

ساوڻ جو گهنگهور گهٽائون، ٻي پپيهي لائي،
پورب جي پُرشور هوائن، مون ڪي آگ لڳائي،
اندر آ طوفان!

ٻُڌم آنڌيري رات ۾ تنهنجي قدمن جو آواز،
سمجهيم ساجن آيو شايد، هيئڙي جو همراز،
ڪوڙو هو آيمان!

ڪنوڻ جي ڪونڌي روئي وينيس، تنها پيئم ڏُور،
رئندي رئندي لنب وئي وئي، سانڍي دل جو سور،
حال ٿيو حيران!

سپني اندر ساجن آيو، ڇپائين در کي ڪول،
جاڳيس، ڪوليم در کي ٻه وڙي، هينئڙي جو هي هول،
رستو هو سنسان؟!

ولي محمد "وفا"

## ڪاري ٻاٽ اونداهي!

ڪاري ٻاٽ اونداهي،
ڪوئي ٻرينءَ جو ڏسڙو ڏينرا

تنها تنها، نڪري نڪري، روڳي مَن ٿو رولي،
ڪو ڇا ڄاڻي، ڪنهن ڪي ٻَن ٻَنر برهاـ ماري ڳولي،
ٻانوَ نہ ڪائي، رڻ سيوئي، ڪٿي ونڃي ڪو ساهي؟
ڪاري ٻاٽ اونداهي...!

جندڙي وِرهه وڪوڙي ڍوليا، ساري نيٺ مچائي،
پرديسيءَ سان پريت لڳائي، پاڻ ڪي پاڻ مون لائي،
هجر و فراق جي آڳ، سُمهي پيو ياڳ، آڏي ٻئي ڄائي!
ڪاري ٻاٽ اونداهي...!

سانوڻ سياري، تونکي ساري، روز ڏسان ٿو راهون،
ڳوڙهن سان ئي يار رهن ٿيون، پَريل ات نگاهون،
رَستا سنسان، دلڙي حيران، ڪولہ مليو ڪو راهي:
ڪاري ٻاٽ اونداهي...!

"خادم" سروري

## موسم "بهار" آئي!

موسم بهار آئي، پر تون نہ آئين پيارا!

گلڙا ڪيڙيو ڪِلن پيا، هڪٻئي سان ڪِئن مِلن پيا،
سهڻا ٻـ ات گهمن ٻيا، تولا ڪيو هلن پيا،
هڪڙوئي مان تہ آهيان ـ نيڻن وهايان نارا!

بلبل ٿي گيت ڳائي، ٻوليون مِٺيون ٻُڌائي،
دونهان ٻئي دکائي، ٿنڙا چِتل چِڪائي،
ڪا ياد ٿي ڏياري ـ دلڙي ٿي ٻارا ٻارا!

ڪوئل ڪي ڪوڪاري، ڪا ياد ٿي ڏياري،
دلڙي ٿي توکي ساري، شايد ڇڏيئہ وساري،
پرديس اچ تون واري، محبوب منهن موچارا!

ڇتڙن جي توسان ياري، ڏاڍي اٿم پياري،
گڏ زندگي گذاري، پياري ۽ پيار واري،
سا تو ڪيئن وساري، ڇو ٿو ڪرين ڪنارا!

تنهنجو اچڻ ٿو ساري، تنهنجو وڃڻ ٿو ساري،
تنهنجو رُسڻ ۽ پرچڻ، تنهنجو کِلڻ ٿو ساري،
توکان سوا اداسي- آهيان اي جيءَ جيارا!

پنهنجا نہ قول پاريئہ، وعدا سڀئي وساريئہ،
دلڙي ڇو اهڙي ڏاريئہ، محبوب مون کي ماريئہ،
توکي ڇوان ڇا هاڻي- پيارا اي قرب وارا!

پهرين تو ئي ڇو ٻاتو، ڇاتيءَ سان مون کي لاتو،
هاڻي مون کان ٿي آتو، ڇا کان ڇنو تو ناتو،
مان ساڳيو تنهنجو آهيان- نوڪر، سڄڻ سچارا!

نديڻ جون ڳالهيون پياريون، کهڙيون نہ پيار واريون،
کهڙي سبب وساريون، رمزون تو راز واريون،
توڏي ڏسي ٿڪي پيا- محبوب منهنجا تارا!

جاني جدا رَهڻ ڇا، محبوب هيئن رُسڻ ڇا،
منهنڙو مٺا مَٽڻ ڇا، پيرو مٺا پَٽڻ ڇا،
”خادم“ کي هئن ڇڏڻ ڇا- جلدي تون اچ خدارا!

رحيم بخش ”قمر“

## موت مٺا تون موت!

موت مٺا تون موت ڙي،
موت مٺا تون موت ڙي!

سرنهن ڦُلاري سنڌ ۾،
ڪنڪ ڪاريا ڪوت ڙي:
موت مٺا تون موت ڙي!

ساڪ، ڦريون ۽ ڦونڙا،
گڏجي ڪائون ڪهوٽ ڙي:
موت منا تون موت ڙي!

تنهنجي ياد ڏني اندر ۾،
چشني پاسي چوٽ ڙي:
موت منا تون موت ڙي!

"قمر" چئي تو قرب سان،
الله جي تئون اوٽ ڙي:
موت منا تون موت ڙي!

"نثار" بزمي

## ٻنجي ويندي بات

اگڻ تي ڪانگ لوي تو لات،
شايد منهنجي سر جو سائين، ريجهي ايندم رات:
اگڻ تي ڪانگ لوي تو لات!

ڏيهه مبارڪ مون کي ڏيندو، گهورون مان گهوريندس،
پنهنجي سر جي سائينءَ کي مان هيرا ۾ توريندس،
آن تي پوءِ وسائيندس مان، گلڙن جي برسات:
اگڻ تي ڪانگ لوي تو لات!

دلبر جي ديدار ڪرڻ لئي، چنڊ به آيري ايندو،
چادر پنهنجي چانڊوڪيءَ جي، قدمن ۾ ڪيريندو،
هير ڏکڻ جي تدڙي پنهنجي ڏيکاريندي ذات:
اگڻ تي ڪانگ لوي تو لات!

فرقت جا ڦٽ پرجي ويندا، روڳ نه رهندو ڪوئي،
دل جا داغ ڇڏيندو پنهنجي هشڙن سان هُو ڌوئي،
هڪڙي ئي جلوي سان "بزمي" ٻنجي ويندي بات:
اگڻ تي ڪانگ لوي تو لات!

احمد خان "آصف" مصراڻي

## آءٌ ڙي ڊولڻ آءٌ!

دنيا ساري آهي ڏاري، ڏاري مطلب واري،
هرهڪ ميت- پريت متي ڪئي ريت ۽ نيت نياري،
تو ٻن منهنجو، ڪوبہ نہ پنهنجو، ڪير ڪري ڪهڪاءُ:
آءٌ ڙي ڊولڻ آءٌ.

نينهن جون نظرون، تيرون ٻڇون، ڀالا، تير، ترارون،
زخمي ٿي دل جان جهري، ٿيو سينو ڦارون ڦارون،
ناهہ چُنڻ جو ڪير چُٽائي، گهورڻ وارو گهاءُ:
آءٌ ڙي ڊولڻ آءٌ.

راتيون جاڳان، تولڻ جاڳڻ مون لئہ آهہ عبادت،
تنهنجو آلڪو ۽ اوسيڙو جهڙو زهد رياضت،
تنهنجي دُوري نرڳ نسورو، سرڳ سنڌ سرچاءُ:
آءٌ ڙي ڊولڻ آءٌ.

مُنهنجون اکيون آسڻ تنهنجو، هي دل تنهنجو ديرو،
پيرَ ڏري پنبڻين منهنجين تي پهچُ پرين هڪ ڀيرو،
پهچُ تہ پهچايون دنيا ۾، پيار سندو پڙلاءُ:
آءٌ ڙي ڊولڻ آءٌ.

مدد علي "سانگي"

## منزل ناهي دوُر!

منزل ناهي دوُر، او ساٿي-
متان وڃين وهلور!
موسل جهڙا مارڳ، رڻ جي راڻن ڪان ڪيئن رُسندا؟
وک جي پنهنجي وڌندي رهندي، نيٺ تہ رستا ڪُٽندا!
سانجهيءَ کان پوءِ رات ٿئي ٿي، تنهن کان پوءِ آسوَر-
ساٿي! منزل ناهي دور!

عزم جي اڳ و مشڪل هرڪا، ٿيندي آ آسان،
جَل ٿَل سارا وجهي جهُڪائي، اٿي جي هي انسان:
ليڪ تہ هي مجبور سمورا، ٿي ويندا مسرور-
ساٿي! منزل ناهي دور!

منزل ساٿي ميلا مَچندا، جهرمر ۽ جنسار،
سونهري سو سُک جو ڏؤرو، ڏسنداسين ٻهار:
"سالڪي"، هرڪو ساڳ ٻَجي ٿو، دليا جو دستور-
ساٿي! ستان وڃين وهلور!



# لوڪ گيت

محمد اعظم رح. (خيرپور ناٿنشاهه)

## بيراڳڻ

مائي، مائي! سُڻ ميري مائي، عشق الستي آيا،
بيهوشي دا پر پر ميڪون جلدي جام پلايا،
هوش عقل گم هويا سيڏا، حيرت حال وڃايا،
سور سڄڻ دي جان جگر ڪون جوشين خوب جلايا،
ميرا بس نهين اي ماتا! سولي ايوين بنايا،
لوڪان وي مئين بيراڳڻ شام دي،
چندا! ميرا پيا بتلا دے!

مائي، مائي! سُڻ ميري مائي، محب ڪا ڪيت مڪانے،
ڍونڍ ڪے ٿڪيان عالم سارے، هاٿ لگا نہ ٺڪانے،
نام نزاڪت والا ظاهر پيدا ڪجھ نہ نشانے،
ڪس نے پايا انت نہ آسڪا، حيران؟ هردو جهانے
لوڪان وي مئين بيراڳڻ شام دي،
چندا! ميرا پيا بتلا دے!

مائي، مائي! ٻڌ منهنجي مائي، منهنجو وس نہ ڪوئي،
جيڪي لکيو لوح قلم ۾، پيش اچي هت سوئي،
بالهي جي هٿ ڪينڪي آهي، سائين هٿ سيوئي،
ڪنهن کي لک ڪروڙون بخشي، ڪنهن کي لڱ نا لوئي،
لوڪان وي مئين بيراڳڻ شام دي،
چندا! ميرا پيا بتلا دے!

سنڌي تنهنجي ٻياري، سُوني آهي ساري،
وڏي شان واري، مِٺا يار منهنجا-
چمان پير تنهنجا.

سُنڌي منهنجي هٿ ۾، سُونهان ٻيئي سٽ ۾،
ڪڇريءَ جي ڪٽ ۾، وٺين ڏور جاني-
سنڌي ڏئي نشاني.

سنڌي جهڙڪي جالي، ٿئي دل ديواني،
سنڌءَ ڪون ثاني، هلي آءُ هاڻي-
جوانيءَ ڪي ماڻي.



# نظم

"تنوير" عباسي

## سڄ

سون تہ مشعل پنهنجي هٿ ۾ آ کڻي،
پوءِ بہ ڪافي ناهہ ان جي روشني!
سمنڊ اونداهيءَ جو آهي بيڪران:
تون بہ ڪا مشعل کڻي، اوري تہ آءُ،
لاٽ مان ٻي لاٽ ٻاري، ڪر اَلاءُ—
روشنيءَ کي ايئن ورهائيندا وڃون،
مشعلون ساريون جلائيندا وڃون:
روشنيءَ مان روشني وڌندي وڃي،
پاڻ کان اونده پري ٿيندي وڃي:
سمنڊ اونداهيءَ جو آهي بيڪران—
ٻيڙين والگي ترن، ان جي مٿان،
روشنيون ئي روشنيون ئي روشنيون!

"نياز" همايوني

پنهنجي وطن ۾ لهي ويا جو وندر جا لابارا هوءِ،
اسان ويراڳي بڻجي پياسين، ويڳاڻا وڻجارا هوءِ.

انبن جڻان ٿا پال وجهون دل درد جي ڪينگر منجهہ جڏهن،
تڏهن پچڻ کان پوءِ ٿيون ٿا ڪنهن جي اڱيان موچارا هوءِ.

اڪثر يون اوهان جون جن جو آئت، تن جا آهن ڀوُن ڀارهن،
جن تي ديد نه ڪوئي ڌري سي ڪيئن ڪندا ويچارا هوءَ.

سُوان ۾ منهن پائي تو ڪوئي ڪنڊ ۾ ٻلڪي ٻارن جان،
هاءِ حياتي، ڪتيءَ جو ٻارو، هاءِ گذر ڇڻ تارا هوءَ.

جيئون ته ڀو ڪيئن جيئون اسان هن آئتي نپٽي دليا ۾،
گهڙي گهڙي اوسات اندر جا، گهڙي گهڙي مونجهارا هوءَ.

توبن پنهنجي ڀيار جي نگري سُچي سُچي پڙپانگ ڀرين،
آڏيءَ ۽ مانجهيءَ تي آهن، آهُن جا ڪيڏارا هوءَ.

آباديـن ۾ اڻ تڻ پنهنجي، ويـرانـن ۾ ونـدر ڪانـ،
تن من تـا بي چين بڻائن، يـادن جـا پڪتارا هوءَ.

عشق ڪيو سي ڇڻ ته ڪيو سي چوري چاڪيءَ جي گهرَجي،
گهر گهر منجهه پچار اسان جي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رارا هوءَ.

"ذوالفقار" راشدي

## هڪ پوڙهو بهار

هڪ نوجوان آهـي اوهان جـي نـئي شهر ۾،
جنهن سان سدا گلاب جوانين جـو ڀيار آ؛

هن جي رهاڻ ريجهه جو رائين ۾ ڇهڻو،
هـن جـي خماري نـيـڻ ورهـايـو خمار آ؛

هڪ مست آهي، جنهن ڪان آ مستين جو مرتبو،
هڪ جيئرو ميڪدو ۽ مجسم بـهـار آ؛

هـيـڏي، سدا بـهـار شـبـابـن جـا شائقو!
هڪ دادلو آ، جنهن جو اوهان ۾ شمار آ:

ڳولي ڏسو تـه ڪـير اهـو آهـي ڪاٻڙي،
جنهن جي اوهان ڪان زور سجائي آ راتڙي.

هن جي سدوري ياد سان سرشار هير آ،
رانجهوءَ جون بانسريون به سندس نانوَ کان وچن؛
ليئائي جنهن کي گود ۾ حورن ڪرائي ننڊ،
جنهن تي پريون پيار جون پٿر ڪولي ڇانوَ ڪن؛
جذبات جو جواب، جوانيءَ جو آهه مهاڳ،
هن جي حسين هنج ۾ سرڪند مهتجن؛
نيڻن تي ڪنهن جي نيڻ جو اولو سدا رهي،
چندن-ڳتيون چڳون به هٿان ان جي ڪولجن؛

پاڪيءَ ۾ جنهن جي روز، محبّت ڪٽي پساهه،
جيڪو ڪري ٿو رول، لسرالي نئين نگاهه!

'سنجوگتا' کي جنهن جي سويمبر ۾ گهرج هئي،
'سيتا' آ جنهن جي چاهه ۾ خانه-بدوش ٿي؛
'راڌا' کي جنهن جي بين بڻايو ملنگ، مست،
گوپين کي جنهن جي ڌيان ۾ پنهنجي نه ڄاڻ هئي؛
جنهن 'روپ' کي آ 'باز بهادر' تي موهيو،
جنهن لاءِ 'پدمني' وجي آڙاهه ۾ پئي؛
جيڪو سڏائي جوان چنيسر لکيسري،
جنهن سان نه ڪنهن به 'ليلان' ڪدت ڪا
ڪڏهن ڪئي؛

سو ڪير آ جو مقصدِ 'زيب النساء' آ،
جنهن تان سدائين گهورَ ڪا 'مهرالنساء' آ؟

هُو جيڪو منهنجي ڄاڻ ۾ 'اِندر' کان اڳيرو،
هُو رنگ، روپ، راڳ جي راتين جو داستان؛
مقبول جيڏڙن ۾ ۽ سرتن ۾ سر سندا،
جنهن تي سدائين سونهن جا سرتاج مهربان؛

هـن جـا ملوڪ گيت ٿـا ميـڙن ۾ ڳـائجن،
ڪـَن ـَ ڳالهڙين ۾ سڌجي حسينن جـو رازدان؛

هن تي آ پنهنجي شهر جي پيارن ـ ڪي پروسو،
هن لاڏلي جـي دل آهي پـَرين جـو آستان؛

جاني، ڏسـو چتائي، اهـو آهـي ”ذوالفقار“،
جو آهي پنهنجي وقت جو هڪ ’بودلو بهار‘!

مرحوم لطف الله بدوي

## ابتدائي سخن

عشق ازلـي آ عـطـا، عـامـي نـہ اَن تـي ٿـو وَسـي،
لينهن جون ڳالهيون نراليون، ڏيهہ ڪي ڪـِـٽ ڪو ڏ ّسي،
راهہ جو هي رهنما!

عقل سان حاصل نـہ ٿي هي، ٿو مـَيَن ُ جي مـَـتـِ ڪسي،
آهہ تسليم ۽ رضـا!

هـي پسڻ آسان نـہ آهـي، ڪو پسڻ هـيءُ ٿـو ٽـَسي،
ابـتـدا تـا انـتـهـا!

عشق جي ڳالهين ڪرڻ سان، هي وَسُـن ڪٿ ٿي وَسي،
تـي فنا وٺ هـو بقا!

حافظ ”احسن“ چنا

## منهنجي وطن جا ماڻهو

بـا قـرب بـا محبـّت، منهنجي وطـن جـا ماڻهو،
خوش رُو ۽ نيڪ سيرت، منهنجي وطـن جـا ماڻهو.

خوش خـُو ۽ خوش خصالت، منهنجي وطـن جـا ماڻهو،
دل ۾ رکـن ٿـا الفت، منهنجي وطـن جـا ماڻهو.

مذهب تي هورا عاملَ، روحانيت جا قائل،
پابند دين و ملت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

غيرت جا پاڪ پُتلا، پورهيي ۾ پنهنجي پورا،
ڪن محنت و مشقت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

محڪم يقين وارا، پختا رکن ارادا،
با عظمت و صداقت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

جي قوم ۽ وطن جا، غدّار ۽ عدو ٿيا،
تن سان رکن عداوت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

مقصود جيڪا منزل، ڪن ٿا انهيءَ کي حاصل،
خالص رکن ٿا نيّت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

پنهنجي وطن جو گلشن، ان کي بنائي "احسن"،
دل ۾ رکن حميّت، منهنجي وطن جا ماڻهو.

"وفا" ناٿنشاهي

## نعرو...!

انسان جو دَمُ آهيان، انسان جو دَم آهيان،
تڪميلِ ڪرم آهيان، تشڪيلِ ستم آهيان،
انسان جو دَمُ آهيان...!

تقدير به آهيان مان، تدبير به آهيان مان،
افلاس به آهيان مان، جاگير به آهيان مان،
مان دستِ خدا آهيان، مان لوح و قلم آهيان،
انسان جو دَمُ آهيان...!

ڪيت عرش جو فرد آهيان، ڪيت صحرا نورد آهيان،
ڪيت باهه جهنّم جي، ڪيت خلد جان؟ سرد آهيان،
ڪيت برف جو پُتلو، ڪيت پٿر جو صنم آهيان،
انسان جو دَمُ آهيان...!

"نديم" انصاري

# اڄ وري رات چانڊني آئي

هڪ دفعو اڳ به آئي هئي سائين!
پر مون کي ياد آ اڃا تائين؛
بس! ٻيو هر طرف هئي خاموشي،
پر جلائي ٿي هائي تنهائي،

تنهنجي اکين ۾ مون ڏسڻ ٿي گهري،
هر گهڙي ٿي نگاهه هيٺ ڪئي؛
ڇا چوان، ڇا ڪيو ۽ ڇا نه ڪيو،
هڪ گهڙي لئه بهار هئي آئي،

مان اڃا تائين منتظر آهيان،
ڪين ٻيلا توکي هاڻ سمجهايان؛
مون اميدن جا سئو ڏيا ٻاريا،
پر نه تنهنجي اڃا خبر آئي،

زخم جو نذر ٿي ويو سارو،
پر نه اڄ تائين زخم ڀرجي سگهيو؛
ته به انهيءَ کي اچي نٿو آرام،
ناهه هن درد جي دوا ڪائي،

رات هڪڙي جي زندگي جي لاءِ،
ڪيترا ئي پتنگ تڙپايا؛
پر ڪو آهي هتي پڄائي جو؟
حسن تي آ اڃائي ارڏائي،

مون ستارن کي ٿڪ ڏيندي ڏٺو،
ويني ڪو وقت مرڪي ڳالهايو،
صبر ڪر اي "نديم" ڇا ٿيندو؟
تون اجايو ٿئين ٿو سودائي،

توکان وسري وئي هجي شايد،
تون هئين، مان هيس ۽ جذبا هئا،
قرب هو ۽ وفا جا وعدا هئا:
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

پنهنجي صورت، مگر تو شرم وچان،
مون سان اي دوست ان ادا تنهنجي،
بس ائين سمجهه دل جي دنيا تي:
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

تنهنجون راهون تڪيان پيو هر هر،
تنهنجي وعدي تي اعتبار ڪري،
۽ ڇڏيو شام کي مون صبح ڪري:
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

چنڊ جي منهن جو حسن ۽ ڳاڙهاڻ،
آهي دنيا جي ان سان همدردي،
جنهن کان پنهنجو پرين وڃي وڇڙي:
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

شمع مغرور ڪيڏو ظلم ڪيو؟
هو ويچارا وفا شعار هئا،
هاڻي نادان شمع ڪاٿي آهه؟
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

منهنجي فرياد تي هنن شايد،
چنڊ ٻڌ مون کي مسڪرائي چيو،
پاهڻن کي ڪڏهن پگهر آيو؟
— اڄ وري رات چانڊني آئي!

احمد خان "آصف"

## ڊوڙندا آيا ڪڪر

رنگ ۽ رونق مٽايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا
ڪارڙي پوشاڪ پايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

عرش جي ميدان تي هڪٻئي ڪان اڳ نڪرڻ جي لئه،
پاڻ ۾ شرطون پڄايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

جيئن هوا ۾ چوها ڊوڙيا، پکهرجي پاڻي ٿيا،
پلڪ ۾ پوئا پُسايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

بجليون چمڪيون تہ آڏو رعد جي ڳائي ملهار،
سارنگيون سُرندا وڄايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

بحر مان سيراب ٿي برسيا بيابانن مٿان،
جيڪي ملين سو ورهائيون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

آڇڙا آڇڙا موتي پلٽيائون، پٽن تي بيشمار،
جو هُين خرچيون ڪپائيون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

جهُڙ جي لُڙ، ڳجگوڙ جي ڳهمسان سان ۽ گوڙ سان،
ڏيل ڏاڍن جا ڏڪايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

ٿيون وَسوڳيون واه "آصف"، ۽ وطن مان وئي اٿوٽ،
مهر مولئي جي وسايون، ڊوڙندا آيا ڪڪرا

"محسن" ڪڪڙائي

## ڏي شعر

اُءُ تہ جيءُ ۾ جاء ڏيان،
آڻ ڳالهائيل ڳالهين وانگي!

ماڻهو، خواه ميرون، سيني لئه،
چانئوَ ڏنيسين تالهين وانگي!

خوشبو، پنهنجي پوڪيل آهي،
"محسن" پارن مالهين وانگي!

"پروانو" پٽي

## انتظار

هـي اوسيڙي ۾ پـاڇـولا لـڙي ويندا، تڏهن ايندين!
جڏهن هي لڙڪ اکين مان سُڪي ويندا، تـڏهن ايندين!

اجـا محفل مـتـل آهي، اجـا مستن کـي هوش آهـي،
جڏهن سجدن ۾ ديـوانـا جهـُڪي ويندا، تـڏهن ايندين!

سـجـان تـو اڳـيـرو آهين، اجـا منهنجي نـگاهن کـان،
تـکي راهـون منهنجا جذبا سري ويندا، تـڏهن ايندين!

غلام حسين رنگريز

## ڪوئل

اي ڪوئل! اي منڙي، تـُون خاموش ڇـو آن؟
وري واءُ آهـن وريـا ڪـهـڙا تـوتـان؟

نـه شيرين نغما ۽ ٻـولـيـون ٿـيـون ٻُـڌجن،
نه ڪـُوڪـُو اي ڪاري، ڳلي مان ٿيون نڪرن؛

هـي وڻ ٽـڻ ۽ وليون ٿيون تـو لئه اداسي،
هـي ڪـهر ڳهات ڳـلـيـون تـرانـن لئه آسي؛

هـي لـهـرون ۽ نـالا بـه نغمن سـُـڻـڻ لاءِ،
سـدائـيـن ڪـان آهـن پـيـاسـا پـيـاسـا؛

شـفـق جـي بـه لالاڻ تـوکـي ٿـي سـاري،
ٿـڌي هـيـر هرهر ٿـي تـوکـي پـُڪاري!

مٺا ٻـول تنهنجا جـي ٻـهـه ٻـهـه ٿـي ٻهڪيا،
پـيـارا تـرانـا جـي ٿـهـه ٿـهـه ٿـي ٿهڪيا؛

سـي جـبـر و تـشـدد جـي ڳهاٽي ۾ پيڙيا،
يـا ڳـهري ڳهٽا جـي هـو اولـڌهه ۾ آڙيـا؛

هتي ڪنهن تہ ٻاهيءَ ڪَٽايو تنهنجو ڳهَڻيو،
ڪري ٻاپ، ٽوڪي آ سَورن ۾ سٽيو؛
وڃي شال "رنگريز" ٻَورو ٿي ٻاهي،
رَهي ڪين گلشن ۾ ٻاهي ڪو ٻاقي!

ميوو خان "موج" لغاري

## اباڻن جو اوٺي

الا، آهہ اڄ واءُ واهوندو وايو،
ٿي ٻر ۾ بهاري، بهار آهہ آيو.

ٽڙيا وڻ، ڦٽا گاهہ، سورا ٻہ موريا،
ٿي جهرجهنگ جهڳمڳ، رنگيءَ رنگ لايو.

هرون ڏين هرجا هرا گاهہ هاڻي،
ڪري وڙ، وطن منهنجو واهہ وسايو.

ڪٽنيي ڪوهہ تان تو ڪٽي زوري آٽي،
بندي بند ۾ بنديءَ بندياڻي بنايو.

ڪٽينديس نہ ڪوٽن ۾، ڇڏ قيد ڪاٽي،
عمر! ڪوٽ تنهنجي منهنجو من مُنجهايو.

ڪڏنهن ڪين رهنديس هِتي ڪنهن بہ حيلي،
ادا ڙي! الله نانءِ ٻاهون پڇايو.

ولر ور وڳر وڻ سڳر سيڻ سرتين،
هُري منجهہ هنئين آهہ محشر مچايو.

پلايم نہ پيٽيوڻ، ويڙهيچا نہ وسرن،
سندم ساهہ سانگين سنديءَ سڪ سڪايو.

نہ مرتين سهيلين ري ساعت سري ٿي،
سنگهارن سندو سَور سيني سمايو.

ولر ڪيو وڳر سان وتن هو وطن ۾،
مون کي ڪوٽ ۾ قيد قسمت ڪرايو.

ڀَٽيندي پِني ڀاڙ ڀنھنواريون ڀاڙون،
پِنڻ ڀيون پٽينءَ تو پٽ ۾ پٽايو.
ڪڏهن ڪنهن نہ حاڪم ڪري هيئن هلائون،
تڏو تو جئن پنهنجو پٽائي پٽايو.
تنهنجي باغ بستان محلات ماڙين،
رَتيءَ روح منهنجو نہ ريجهي ريجهايو.
ڪريان ويني ڪيهون، نهاريان تي راهون،
رڪان ڪنهن بہ ريهي رهڻ جو نہ رايو.
آڏامي اچي ڪر ڪي خبرون، ڪنياتا!
اباڻن ڏي آهيم ڪانگل اڏايو.
مُڪو ڪونہ مارُن ڪو مون ڏانهن قاصد،
اچا ڪونہ اوني اباڻن جو آيو.
مُيائي جيان، جي وجان ملڪ موٽي،
مڃي "موج" مڙهہ جي منهنجو هُت رسايو.



چار سو خاموشي، هيبت ۽ هراس،
آسمانِ شهر ۾ سرگوشيون —
چنڊ ۽ تارن ۾ خاموشيءَ جو راڄ،
مون نهاريو، جاچيو، ڏسندو ئي رهيس!
آسمان جا سڀ ستارا ائين جاڳي پيا!
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ ماندائي پيو —
۽ خموشي شهر جي ٽٽندي وئي،
هرڪو پاسن کي ورائي ٿي اٿيو؛
هر ڪنهين ڪر موڙي ٿي جاڳي ڏٺو،
منهن لٿل، گهبرايل، پوساتيل —
چڻ تہ اونداهي غفا مان ڪنهن ڪڍيو راڪاس هو!

رات اونداهيءَ جي پردي ۾ لڪل،
اوچتو ڪيئي هلاڪوءَ جڻ گهيڙيا؛
لرزه براندام هو سارو شهر —
گريہ زاري ۾ ڏٺڪيو بغداد ٿي:
ويا لٽي بغداد جي هر سونهن کي!
ٿي رنو حسنِ ازل —
جاڳ چوڪيدار ۾ پيدا نہ ٿي:
شهر لٽبو ئي رهيو، سڙندو رهيو، سڄ ٿي وئي،
دجلہ ساري خاڪ ٿي وهندي رهي!
چنڊ رئندو ئي رهيو —
تارا ڏسندا ئي رهيا!
رات رات!



# غزل

مخدوم محمد زمان "طالب المولا"

●

سڪون ڏئي نہ سگهئين لالہ زار، حيف هجئي،
ڪيئي نہ دور غمِ هجرِ يار، حيف هجئي.

ڪيو مون چاڪ گريبان ئي مس، اجها ٿي وڃي،
دو روزه موسمِ فصلِ بهار، حيف هجئي.

لڳي ئي نڪري وئين تو منجهان بہ ڪجھ لہ ٿيو،
رهِ حبيب جا ساڪن اي خار، حيف هجئي.

جي سنگدل نہ ٿيو آب ديده ڪجھ نہ ٿيو،
بہو آهِ نسيم شبي بار بار حيف هجئي.

تون منهنجي وعدهٔ مهرو وفا تي دلبر وٽ،
اڃا ئي ڪين سگهئين اعتبار، حيف هجئي.

تو ڪنهن بہ غمزده، محزون کي نہ ريجهايو،
نظر فريبِ جهان سبزه زار، حيف هجئي.

پڻ جي ڳالھ جدا، تون بہ نيٺ گل ٿي وئين،
اي بيڪسي جا چراغِ مزار، حيف هجئي.

اڃا بہ جادهٔ منزل جي ڪجھ پروڙ اٿئي،
جنونِ عشق، اڃا هوشيار، حيف هجئي.

ستم ڪري ئي نہ ڄاتئي ستم تہ هنئن نہ ڪيو،
اي سختيِ شبِ يلدا، هزار حيف هجئي.

نيايو "طالبِ مولا" مان تو بہ ڪو نہ ڪڏهن،
نہ پا وفا ٿئين جانيءَ جا پيار، حيف هجئي.

"آغا" عبدالنبي عليگ

●

ڪهڙان ڇنا سان خداوندا، تہ ڇا ڏي تون،
لبِ بيالتجا ڏي ۽ دل بي مدّعا ڏي تون!

هتي ڪنج لحد، داغ، محبت ڪان چراغان آهہ،
چراغ، گور کي بيشڪ، صبا هائي هوا ڏي تون!

رخ، جانان؟ تي آهي ڪشمڪش، شرم ۽ تبسم جي،
خداوندا، نگاهِ آرزو ۾ ھڻ حيا ڏي تون!

شهيد، ناز آ "آغا"، سڪون، موت ممڪن نا،
لحد ۾ پل دل بسمل، محبت جا مزا ڏي تون!

عبدالڪريم پلي

●

تنهنجو شڪوو حضور ڪير ڪري؟
نا تلافي تصور ڪير ڪري؟

ڪيف آور فضا ۽ تنهنجي نگاهہ، خود کي مستيءَ کان دور ڪير ڪري؟
خوبصورت محل مرادن جو، موت کان اڳ ۾ چور ڪير ڪري؟
نور، يزدان پري نہ آهي پر، هتان ماننده طور ڪير ڪري؟

"نياز" همايوني

●

تنهائين جي دشت ۾، غم همسفر رهيو،
مشڪل ۾ تنهنجي ياد تي پنهنجو گذر رهيو!

ڪٿن ٿي سڪون نصيب، هي بيچين دل ڪٿي،
خالي سنڌ سترم کان نہ ڪوئي نگر رهيو!

تون پل تہ دعوتون ڏي، اسان لاءِ موت کي،
رهنداسين زندهہ، حال جي توڻي بقر رهيو.

ڙلفن جي شام اڻ تہ سعيو ٿئي وصل جو،
هن صبح ۾ تہ پنهنجو جيڻ درگذر رهيو.

تلخين کي شهد سمجهي ڪري وياسين نوش جان،
تنهنجي ڪري نہ زهر ۾، ڪوئي اثر رهيو.

هوندو ”نياز“ وانگ سدائين نهال سو،
غم تنهن جو جنهن غريب، وطن جو ثمر رهيو.

”تاج“ بلوچ

●

الم جي، رلج و مصيبت جي، اضطرار جي رات،
هٽي ٿي ٿانگ جيان ڏنگ، انتظار جي رات!

حجاب خيز نظر ۽ شراب ساز شباب،
ٿئو وساري سگهان مان، وصال يار جي رات.

سڪون نواز، نگاهن جي آسري جو قسم!
انهيءَ سهاري تي گذري ٿي بيقرار جي رات.

جنهين جي رات ڪا ڪنج، قفس ۾ گذري ٿي،
انهيءَ کي ڪهڙي خبر آهہ ڇا بهار جي رات.

نہ دم ٿو نڪري، نڪا ساهہ تان ٿي سوڙهہ لهي،
طويل روزِ قيامت کان هجرِ يار جي رات.

گلن جي رس ۾ گڏي ماهتاب جا ڪرڻا،
پيار ”تاج“ کي سهڻا اچي بهار جي رات!

”ذوالفقار“ راشدي

●

ٿئون ڏينهن چاهي، ٿئون سور آهي،
ٿئين زندگي پانيان ناسور آهي!

ٿئين رات جا ڇا نوان گيت ڳايان، زبان بند ۽ سوچ مجبور آهي!

## "محبوب" سروري

●

عشق وارن جي ٻَر ڪندوئي رهيس،
ھاڻ ڪي دربدَر ڪندوئي رهيس!

هڪ صدا ٻَر اثر ڪندوئي رهيس، • جسرم هي بيخبر ڪندوئي رهيس.
رات جاڳي بسر ڪندوئي رهيس، • سنگ در تي سحر ڪندوئي رهيس.
هُن ته پنهنجون نگاهون ڦيري ڇڏيون، • مان ته هُن ڏي نظر ڪندوئي رهيس.
ھاڻ ڪي ھاڻ ڳولي ڳولي ٿڪس، • عمر ساري سفر ڪندوئي رهيس.

ڇا چوان، ڇا ڪيم ۽ ڇا نه ڪيم،
جو ڪيم بيخبر ڪندوئي رهيس.

## "محسن" ڪڪڙائي

●

قسمتن سات ڇڏيو، پاڳ رُسي ويا آهن،
چڻ ته شهباز سندا ڪنب کُسي ويا آهن!

آسَ جا ديپ آجهامي به ويا ڪيڏا ڏينهن،
بدنصيبن جا سهارا به کُسي ويا آهن.
خير، هُن حُسن، مجسم جي تصوّر جو خير،
اکڙين جا ڀتي ٽُنرا ته ڀُسي ويا آهن.
هرستم سير تي، سچڙ! هرڪا سزا چشمن تي،
تنهنجي محفل کان گنهگار کُسي ويا آهن.
اڄ پِرين بزم ۾ "محسن" به چريو آيو آهه،
نازنينن ڏي ڏِسو، ڪيئن نه سُسي ويا آهن.

## "محسن" ڪڪڙائي

●

منهنجي تصوّر ۾ هڪ خاڪو،
پاڪ ۽ پوتر آ ناپاڪو!

ڪنهن جي ياد ۽ چاهت هوندي، • پوءِ به دل ۾ آهه خلا، ڪو،

کنهن جي محفل ۾ ويراني، کنهن جي ويراني ۾ واڪو.
جنهن کي روڳن روڳ بڻايو، ان جيوَن کي ڪري ڇا ڪو؟
مايوسيءَ ۾ اڪثر مون کي، آٿت ڏيندو آهه الا ڪو،
"محسن" تُنهنجي دردمنديءَ جو، ديس سڄي ۾ آهي ڌاڪو.

"محسن" ککڙائي

●

جدوجهد جي ڪُنڊ ۾ دل جو قرار ڳول،
انسانَ، منهنجا پاڻ، اڪيون پٽ، وقار ڳول.

عياشين هٿان نه ڪٿي هيڙجي وڃن،
او مست، پنهنجي دَور جو مسڪين پيار ڳول.

ڏاها، نه رو، رُنڻ نه ڏکن جو علاج ناهه،
مجبورين جي ديس ۾ ڪجهه اختيار ڳول.

مخلص جُنون، عظيم پريشانيون، امنگ،
ڪمبخت، ڪو نه ڪو ته حَسين يادگار ڳول.

ساقي ڳريءَ جو زُعُم بجا، ساقيا، مگر،
ڪٿ آهه ميڪشن جي اکين ۾ خمار ڳول!

"محسن"، متان ليي به هوي غيرتن جو جوش،
وِڪ وِڪ تي پنهنجي وقت جي چيخ و پڪار ڳول.

ا. ح. جسنگهاڻي "سام"

●

خوشي خوراڪ خلقت جي سندم خوراڪ غم دل جو،
تعلق آ زماني سان نه منهنجي دل جي منزل جو.

عجب آ عاشقن جو قوت هستي پنهنجي کي ڪائڻ،
نه آبِ زمزم و ڪوثر، پڻ تَنِ سَرُ ڪ خون دل جو.

ڳهلي سنسار ۾ تي واءُ ڪلفت ۽ ڪچائيءَ جي،
وڃي پيچيده ٿيندو ٿو اڃا پي مسئلو دل جو.

## مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي

●

محشر برپا ڪري عشوه گري، ناز سان!
ڪير ڪُجي فتنه گر، ظالم طنّاز سان؟

زخم ڪري زور سان ديده جي شمشير سان،
ٻوه چوي، رو نه تون درد مان آواز سان.

آهه سندم درد جو قصّه گهڻو دلگداز،
دل تي چوي، ڳاهه هي، سوز منجهان ساز سان.

يار موافق هجي، لطف رسي روح کي،
سعي ڪري تون گذار دلبر دمساز سان.

حق جي طلب ڪٿ ڪري، شخص اهو، دوستو!
آهه جو ٽپيو پيو حرص، هوا، آز سان.

راز کُلي ڪينڪي روز جزا کان اڳي،
جي نه سلين راز تون همدم و همراز سان.

ڪجهه نه ٿئي فائدو، ناقص صوفي منجهان،
خاڪ ٻئي تون گذار ڪامل ممتاز سان.

گرچه غزلگو گهڻا شاعر پيدا ٿيا،
ڪو نه غزل ۾ پنو سعدي شيراز سان.

کول پر ۽ تون آڏام، همت جي بال سان،
مقصد جي عرش تي پهچ پرواز سان.

زور نه تون آزماءِ لنگ گدا، شاهه سان،
آهه چڙي هلڪڙي ڪانه پڄي باز سان.

وڃ ۾ رُلان ٿو، رسڄ رحمت رحمان جي،
راهه خدا جي وٺان، احسن انداز سان.

نازڪ طبعن کيو نازڪ بيڪار آهه،
شال رهان سان سدا رستم جانباز سان.

سنڌ زبان، چشم گوش، صورتِ تصوير تي،
ڪڏ تو جڏهن تون رهين، ڪاتب همراز سان.

قصر پيسن جي ڏسي، ڊاهه نہ گهر پانهنجو،
ڪهار نہ بي خانمان خانہ برانداز سان.

سنڌ ۾ آهن گهڻا حق جا وڏا اوليا،
وڌ تي محبت سنڌ عارف شهباز سان.

رحمت حق جيءَ قبول! عرض ڪري ٿو ”اديب“،
زنده مثل دل ڪرينءَ، لطف جي اعجاز سان.

## مولانا حاجي احمد ملاح

●

مُنهن ڏيکاريو مِهر سان، ڪنهن مهل منظور نظر؛
هن نظر جي مُنتظر تي، ڪر نظر نُور نظر!

لک لهان، يا ڪک لهان، قيمت نہ ونڌس تا قيام،
شال ڪن منظور مون، بي مزد مزدور نظر.

تير تارن جا، اڳين پوين جي پاسن مان پَهار،
دوستن لاءِ دوست ڌاري، ڌار دستور نظر.

هيتري ساري حياتي، هر نشو هوندو حرام،
پر تيس ميخان ۾ اڄ ڪنهن بہ مخمور نظر.

عمر ساري آهي زاري، عمر ساري انتظار،
مَس تيو مسڪين اڄ، مسرور، مشڪور نظر.

مِنتون، ميڙيون ملڻ لئہ، مُلڪ سي مُلهہ ۾ تہ ميل،
مغز مارينم ڪيترو، مَهندان بہ مغرور نظر.

اڪ اشاري سان پڇيو، احوال ”احمد“ ڪان عجيب،
ڇا ڪُجي مُنهن مان مِنا! مسڪين، مجبور نظر.

ڏنو جنهن اعتبار امن، ان ئي دام ڦيريو آهي،
عجب آ سادگي، ساريءَ ڪي وينس باغبان سمجهي!

رهائي قيد جي "نشتر"، ڪهڙي مون بي مروت ڪان،
ڪري غلطي مان وينس، هيٺن زمين ڪي آسمان سمجهي!

"وفا" ناٿنشاهي

●

منهنجي گهر حسن جو پيرو آهي،
منهنجي هر شام، سويرو آهي!

پيار سان ئي ته ڦري ٿو دليون،
حسن، محبوب، لٽيرو آهي!

حسن معصوم، جفا ڇا ڄاڻي،
عشق جي سمجهه جو ڦيرو آهي.

اڄ نڪو چنڊ، نه تارا، نه چراغ،
ڪيڏو سنسان انڌيرو آهي.

تنهنجي ڏوڪن تي تعجب ڇا جو،
تنهنجو من اصل کان ميرو آهي.

تون زماني جي نگاهن ۾ وسين،
تنهنجو هر قلب ۾ ديرو آهي.

"آثر" ناٿنشاهي

●

ڪو منهن، جنسي جوٽيءَ جهڙو،
ڪو من سڪٽيءَ ڳوٽيءَ جهڙو.

ڏات وڏي ڪيئن ڏيل آنهيءَ ڪي،
جيڪو ڪُرڙيءَ لوٽيءَ جهڙو.

سُرهو سُرهو ساڻ سڄڻ جو،
ڪُنڌرو ڪُنڌرو ڪوٺيءَ جهڙو.

پاڪ ۽ پوتر پيار اسان جو،
صاف ڪپهه جي پوٺيءَ جهڙو.

”آثم“ شعر، چون تا تنهنجو،
آهي سُرڪ سلوٺيءَ جهڙو.

## رحيم بخش ”قمر“

●

ٿيڙيا گلزار، خوشبودار، تي هيڪار يار آيو،
اسان جي باغ اجڙيل ۾ وري جشنِ بهار آيو!

خزان وئي، بهاري تي، گلن، غنچن ۽ گونتن ۾،
نڙيون معصوم اڄ مُڪڙيون، عيان اکڙين جو نار آيو!

مٺي ڪوئل ڪري ڪُوڪُو، چڙين، چهن جي چهه چهه ٿي،
پدڻ ۾ راڳ بلبل جو، عجب ليل و نهار آيو.

ڏين فردوس جون حورون مبارڪباد ٿيون مون کي،
ڪري احسان ۽ ٿورا بلاشڪ بيشمار آيو!

خدا جو شڪر اڄ محبوب منهنجي آ اڱڻ آيو،
ڏسي آغوش ۾ دلبر، ”قمر“، دل کي قرار آيو.

## ”جليل“ سروري

●

ٿو سيکي ريت هي وري کهڙي،
هي ستائڻ، هي خودسري کهڙي!

ڇا ڏنو تو، سواءِ محنت جي؟ اي خدا! بنده پروري کهڙي!
ڏوهه جي ٿا ڪريون ته مالڪ جا، شيخ صاحب جي وئي پري کهڙي!
دل ۾ پيدا ڪري نه سوز گداز، سا وري چٽبي شاعري کهڙي!

کرڻو انڪار آ تہ صاف ڪجي، اي پرين، هي وري وري ڪھڙي!
غير پنھنجا ۽ پنھنجا غير ٿيا، دلربا، تنھنجي دلبري ڪھڙي!
مون چيو ڏي خبر، چيائين بس: تو پڇين يار سروري ڪھڙي!
درد سان آنس، پيار فرقت سان، دل "جليل" آهي تي چري ڪھڙي!

"خادم" سروري

●

دل جو خزانو يار لٽائي تہ ڪو ڏسي،
پنھنجي اکين جي ننڊ ڦٽائي تہ ڪو ڏسي.

هر ڪوئي هار تو هٽي عشاق تي مگر،
لائي تو عشق سڪو، نڀائي تہ ڪو ڏسي!

ڏاڍي ڏکي تي گذري، ڏکن ۾ ڏکن جي رات،
سورن ڏکن جي رات وھائي تہ ڪو ڏسي.

حسن ۾ ڪمي نہ آهي، مگر پاڻ ۾ ڪمي،
سھڻي سڄڻ کي يار ستائي تہ ڪو ڏسي.

جنھن ڏي ڪري نگاھہ سو گھايل ٿيو پوي،
تير نظر کان پاڻ بچائي تہ ڪو ڏسي.

ڪڏھين بہ ڪس انھيءَ کي لڳي ڪين تي اي دوست،
قربن ۾ پنھنجو ڪنڌ ڪپائي تہ ڪو ڏسي.

هجر و فراق، اشڪ روان، خامشي ۽ ياس،
هيئن شمع والگي جان جلائي تہ ڪو ڏسي.

هن جو قدر ضرور ڪندو، چو نہ هو ڪندو،
پنھنجي اکين مان اشڪ وھائي تہ ڪو ڏسي!

هڪڙي نگاھہ تو ڪري، لک ٿيون دليون جيئن،
اکين ۾ اک پرينءَ سان اڙائي تہ ڪو ڏسي!

منزل قدم قدم کي چمي، سو ڪري سلام،
"خادم" تي، خاص وک کي وڌائي تہ ڪو ڏسي!

ايس . "تصوّر"

●

هن دل جي هٿان انسان جڏهن مجبور ٿئي ٿو پيش پوئي،
۽ ٺهري ڪنڊين ڪجلين اکيان مقهور ٿئي ٿو پيش پوي!

دل ماس جو ٽڪرو، رَت جو ڏ ُپو، جذبا ٻه منجهس، جو ڪا ٻه سهي،
هر زخم اهو زائد ٿي جڏهن ناسور ٿئي ٿو پيش پوي!

ڪي پلجي ويل، ڪي وسري ويل، ماضيءَ جي محبت جون ڳالهيون،
گهيري ٿي اچي من گهائل جو معذور ٿئي ٿو پيش پوي.

تو پنهنجي وفا جي لڄ رکندي، بدناميون منهنجي سَر مڙهيون،
مون جيئن محبتّ ۾ ڏوهي، مشهور ٿئي ٿو پيش پوي.

مون پنهنجو سمجهي ڇا سوچيو، تو ڇا سمجهيو، مون ڇا سمجهيو،
تصوير "تصورّ" ۾ پٽڪڻ، دستور ٿئي ٿو پيش پوي!

عبدالرحمان "نقاش"

●

مثل سيماب بيقرار آهيان،
مظهر سوز انتظار آهيان!

ڪين آهي بقا، رڪان ٿو طلب، جن ته ڳوڙهن جي هڪ قطار آهيان.
تار تار آهه دامن هستي، موت جو باغ پُر بهار آهيان.
لڱون لڳائي آ بيوفا سان مون، بخدا، پَر وفا شعار آهيان.
مان هجان جي نه، توکي چائي ڪير، حسن تنهنجي جو اشتهار آهيان.
دم ٽٽي ويو اٿم پڪاريندي، تنهنجي غفلت جو يادگار آهيان.

ڇوڏ سان عيب ڪنهن جا اي "نقاش"،
پنهنجي عملن تي اشڪبار آهيان.

## "ساجد" لعلپوري

●

نہ ڪوئي ڪاروان گهرجي، نہ ڪوئي همسفر گهرجي،
صرف ذوقِ نظر کي تي صنم جي رهگذر گهرجي!

سيئي وهم و گمان تون پيا دماغ و دل تان واري ڇڏ،
رڳو هڪ مير جو توکي لکڻ دل تي اکر گهرجي.

رقيبِ روسيہ جو گهر زمينِ دوزُ ٿئي جنهن سان،
ڪرڻ پيدا ڪو توکي آه ۾ اهڙو اثر گهرجي.

ضروري آ جتي هلڻو، اتي منزل ڪنن آهي،
انهي راهہِ خطر جي واسطي زادِ سفر گهرجي.

نہ ٻئي ڪنهن جي سهاري جي ضرورت آهہ ڪا مون کي،
فقط هڪ دلربا جو سايہء ديوار و در گهرجي.

ڪڏهن جو ڪم اچي وقتِ مصيبت ۾ ڪٿي ڪنهن کي،
انهيء جو دوستو! احسان کڻڻ عمر ڀر گهرجي.

لٽايو مال و زر جي تو محبّت ۾ تہ ڇا تي پيو،
ڏيڻ راهِ وفا ۾ خونِ دل، خونِ جگر گهرجي!

سيئي ورد و وظائف سمجهہ پيا بيڪار اي "ساجد"،
ڪرڻ وردِ زبان اسمِ صنم شام و سحر گهرجي!

## "بشير" سيتائي

●

سوزِ الفت، مهيب تنهائي،
تنهنجي فرقت بنايو سودائي!

رات ڀي قول ڪين پاڙيو تو،
آ ڪئي تو بہ ڏاڍ ـ سُڙسائي!

تو سوا ٻئي جي جستجو ناهي،
تنهنجو آهيان اصل کان شيدائي!

چور کي ٻڻ نہ آهہ هستي ڪا،
خوب دلڙي تو منهنجي چورائي!

راز دل جو ٻڌائجي ڪنهن کي،
ناهہ همدرد حال جو پائي!

ڦٽ بہ ناسور ٿي ويا دل جا،
دل کي راحت نہ آ رهي ڪائي!

ياس، حرمانُ، سوز ۽ گهٽي،
هي مصيبت رهي آ هرجائي!

دردِ دل جو علاج ڪهڙو آهہ،
چوُ خدا کي، "بشير" سيتائي!

## "شاد" عباسي

●

ڪندا عشق جي جن سان آهيون اگهاڙي،
اُلهن سان نيائيندا آهيون پڇاڙي!

ڏسڻ کان مهانگا، اوهان ٿي ٿيو ٿا،
مگر سان تہ پيارا پڇان ٿو ڏهاڙي!

ويئي ڪجهہ آ گذري ۽ ڪجهہ گذري ويندي،
کيني ڪين پنهنجي ڪنداسون پڇاڙي.

گهٽ جي هٿن سان تہ ڪچندو چير آهہ،
نہ هڪڙي ٿي هٿ جي ڪا لڳندي آ تاڙي!

نہ پنهنجا مَنهڙا ڇڏينداسون ڊاهہ
پرائي ڏسي ڪائي محلات ماڙي!

ڪيون "شاد" سان تو سوين يار ڳالهيون،
مگر حيف، هڪڙي بہ تو ڪين پاڙي!

## "مدهوش" جو هائي

●

ابن آدم کي جهان ۾ ڪا مسرت نه ملي،
جي ملي آهي ته ثابت ۽ سلامت نه ملي.

جيستائين ڪ آهي ڪنهن کي مصيبت نه ملي،
تيستائين آ ڪڏهن عشق جي لذت نه ملي:

منهنجي هن پاڪ محبت جو خدا خير ڪري،
ڪهڙي پرواهه زماني ۾ جي عزت نه ملي.

مون چيو "پر ۾ رهان يا ته سندء در تي رهان"،
پر صنم کان ته اجا ڪا به اجازت نه ملي:

بدنصيبي ته ڏسو، هيڏي حياتي ۾ مون کي،
ڪا گهڙي پل به ڪڏهن عيش جي فرصت نه ملي.

راهه الفت ۾ اي ناصح! چو رڪاوٽ ٿو وجهين،
توکي شايد ته ڪڏهن عشق ۾ راحت نه ملي.

دوستو، نفس پرستن کي آ چا چا نه مليو،
زر ملي، زور مليو؛ درد جي دولت نه ملي!

آهه "مدهوش" انهيء ڪاڻ فقط موت پلو،
جنهن کي محبوب کان خيرات محبت نه ملي.

## پير محمد "پيامي"

●

ٿي تجلي ريز منهنجا ماهرو، ڇڏ اجتناب،
ڪين ڪر اي مه لقا، هيڏو حجاب اندر حجاب.

ڇو ستائين ٿو اي چرخ ڪج ادا ۽ ڪج نهاد،
اي زمانا، انقلابن تي سٺا مون انقلاب!

ليل غم، اختر شماريء ۾ سڄڻ گذري وڃي!
تنهنجي اوسيڙي ۾ اي مهرو آيارم آفتاب.

گلبدن، گلرو، زماني ۾ اگر آهن گھڻا،
شڪرلله، سون سندو آهي ٿيو احسن انتخاب.

دل ڏئي، ان جي اجوري جي توقع ڪين رک،
ٿو ٿئي کوڙو ورين، يارن جو يارن سان حساب.

سان محبت ۾ فقط ناڪاميون ڏسندو رهيس،
منهنجي ناڪامي سبب آهين ٿيو تون ڪامياب.

مان جفا تي ٿو وفا ڪريان ته سا منهنجي خطا،
تون جفا کي ٿو عطا سمجهين، ته ٿو تولڻ ثواب!

نهنجو نالو صفحهء دل تي ڪيو سون نقش آهه،
ورق واندو ناهه، ڏس کولي ڪٿي دل جو ڪتاب.

اي حسينان جهان جا شاهه، جڳ مجنون سڏيو!
عشق تنهنجي ۾ "پياسيء" کي مليو عمدو خطاب.

## ولي محمد "وفا"

●

حسرتن سان نياڻو ٿيندو،
وقت ائين ٿي گذارڻو پوندو.

ڪنهن کي ويجهو ويهارڻو آهي،
وقت کي اڄ ٻيهارڻو پوندو.

اڳ نه معلوم هو، پري پيڪر،
توکي پائي به هارڻو پوندو.

دل ۾ ڪڏهين رهيا جي دل وانگي،
هاڻي تن کي نهارڻو پوندو.

هار سينگار تا ڪيو ڏاڍا،
سر به ڪنهن کي سنوارڻو پوندو.

جنهن ڪان وڇڙي سکون نه پاتوسين،
هاء تنهن کي وسارڻو پوندو.

ڪنهن تي چاتو "وفا" کو ائين ٿيندو،
پاڻ کي پاڻ مارڻو پوندو.

## "غازي" ٽڪرائي

●

زندگيءَ جي ساز تي هو گيت ڪي ڳائي ويا،
رات هو منهنجي اڱڻ تي چنڊ چمڪائي ويا!

حسن جي سرڪار جنهن دم تي نهاريو ناز مان،
تير نظرن جا چٽي چڻ ڳهور سان گهائي ويا!

روح منهنجي ۾ رهي، جن روح سان ڪيئي رهاڻ،
ڳالهڙيون سي ڳجهڙيون ڳل لائي ڳالهائي ويا!

وصل جا ساغر پِري، جن تي پياريا پيار مان،
خون جي هر ذره ۾ چڻ جوت جاڳائي ويا!

هوڏ هن ڪي حسن تي ۽ مون ڪي پنهنجي عشق تي،
منهنجي ٻانهن ۾ اچڻ کان پوءِ شرمائي ويا!

بيرخيءَ جو موت ڪيو شڪوو شڪايت پيار سان،
ڪوڙ سان وينس رُسي، هُو نيٺ پرچائي ويا!

جي ڪري مون لاءِ روشن ويا زمين ۽ آسمان،
شام ٿيندي ٿي اسان جا جام جهرڪائي ويا!

دل جي تارن کي اچي ڇيڙي وڄايو جن رباب،
ٻول ڪي ڇپڙن سان ٻولي، قول ورڪائي ويا!

## "نظير" ٽڪرائي

●

منهنجو دلربا، سر رهگذار، اچي ته ڇا نه اچي ته ڇا،
ٿي قدم قدم تي گناهگار، اچي ته ڇا نه اچي ته ڇا!

نه وفا جفا جي ڪا آرزو، نه ڪا آبرو جي ڪا جستجو،
ڪو ستم ڪرڻ لءِ هزار بار، اچي ته ڇا نه اچي ته ڇا!

نه قرار دل کي سڪون آ، نه سڪون دل کي قرار آ،
منهنجي دل کي هاڻي ڪو اعتبار، اچي ته ڇا نه اچي ته ڇا!

## "دادن" پنو

●

گوش دلبر تائين پهتو، منهنجو هي فرياد نيٺ!
دلربا دل سان ڪيو، هن دل دُکيءَ جو داد نيٺ!

دوستو! دل جو چمن، ويو هو صفا ويران ٿي،
محب سونٽي سو ڪيو، آخر اچي آباد نيٺ!

غم الم جي سخت گهيري، هو گهٽو غمگين ڪيو،
آن منجهان منٺار مون کي، اچ ڪيو آزاد نيٺ!

هت حڪيمن کي نہ آئي، درد منهنجي جي دوا،
پاڻ پرين ٿي ڪيو، نسخو اهو ايجاد نيٺ!

ڪئي ڦتنائن ڪاڻ ڪوشش، دشمن دل جان سان،
ڪين آکڙيو دل اندر تان عشق جو بنياد نيٺ!

سي رٺون منهنجي رقيبن جون ملي ويون خاڪ ۾،
گلبدن کان گڏ رهڻ جو آهہ ٿيو ارشاد نيٺ!

دائما "دادن" ٿيو، ممنون آ محبوب جو،
جنهن اگهڻ تي واگهہ واري، شوق سان ڪيو شاد نيٺ!

## "مومن" مليرائي

●

عشق ٿي آهي جو عاقل کي چڏي جاهل ڪري،
مشڪلاتون زندگيءَ تي ڪيتريون نازل ڪري.

دلربا مون کي بہ اچ وچ پيار جي قابل ڪري،
آرزو آهي اها جنهن لئہ ٿي دَکِ دَکِ دل ڪري؛

تنهنجي مئخاني جي در تي آهيان پنڪي رهيو،
ساقيا! محفل ۾ اچ سون کي بہ چڏ شامل ڪري.

حال چيا رندن جو ٿيندو، بزم ۾ توکان سواءِ
وچ نہ ساقي تون سُچي رنگينيءَ محفل کري.

آ چڏي رنگ، حنا جو شوق هن بلڪل ڏنو،
خون، عاشق سان ٿو هٿ ڳاڙها سدا قاتل کري.

خير ڏي پنهنجي هٿن سان، عاشق، لاچار کي،
التجا ٿو تنهنجي در تي وقت کان سائل کري.

چاڻ ٿيو پورو سفر، تون دِج نہ ڪنهن کان راهرو،
منزل، مقصود تي آياسين طئہ منزل کري.

سنگدل کي دل ڏئي، سستو اهو سودو کري،
تو بہ اي "مومن" حياتي آ چڏي زائل کري.



# قطعا

## ”استاد“ بخاري

(۱)

ڇ جي ڪو حق وٺندو ۽ ٻئي جيڪو حال بدليندو،
ته ان ۾ ملڪ ۽ ماحول جو ڪو ڏوهه پِيِي ناهي؛
ڪڏهن سج آيو آ سنبري، جو ان کي رات موٽايو،
هُو پنهنجي وقت تي ايندو ته ان ۾ رات جو ڇاهي!

(۲)

هزارن منزلن کان پوءِ ايندي منزلِ مقصد،
اسان جو ڪاروانِ شوق ڪاهيندو وڃي جيڏي؛
هزارين زندگيون گهرجن ٽيون هڪڙي هڪڙي منزل لئه،
اسين هڪ زندگي وارا مسافرڙا وڃون ڪيڏي!

(۳)

ڪڏهن ٿا ظلم جي اونده، جهان مان شعر جي ڇڄ سان،
اسان کي دل جو دل ۾ عقل ٿي خود ڏاهري چوندو؛
خرد جي وَٽِ، پٽڌيءَ جو تيل، الفت جو ڏِيو ناهي،
عمل جي تيلڙي ٻاريو، ته جهٽ پٽ نُور ٿي پوندو!

(۴)

اڇا، ڪارا، برهمڻ، ڀيل، هيي ۽ هُو، الڳ ليڪن،
اکين توڙي ڇپن تن جي ۾ ساڳيون قدرتون آهن؛
جي روئن ٿا ته هڪ هڪ لڙڪ ۾ ٽي-ٽي جهنم ٽَن،
جي مُرڪن ٿا ته هرهڪ مُرڪ ۾ ڏهه جنتون آهن!

(٥)

ستارن جي چمڪ جنهن جي جگر کي ڪين گرمائي،
آها بي حس نيلي آسمان جهڙي ڇپٽ نہ آهيان مان؛
گلن جو رنگ و بو جنهن جي نظر ۾ خون نہ ترڇائي،
آها ڪنهن باغ ۾ ٻيٺل سرن جي پيٽ نہ آهيان مان!

(٦)

نہ سمجهايو اسان کي فلسفو سائين، خوشيءَ غم جو،
کِلڻ آيو تہ کلنداسين، رُئڻ آيو تہ رُئنداسين؛
نہ ڊيڄاريو، حيات و موت جي ڇيڙي مسئلن کي،
حياتي آ تہ جيئنداسين، جي موت آيو تہ مرنداسين!



# رباعيون

## پير سليم جان سرهندي

(١)

هي عشق جي واردات، ڪنهن کي معلوم،
هيءَ راز سندي بات، ڪنهن کي معلوم؛
پروانو تہ هڪ پل ۾ ڏئي جان ڇٽو،
ڪيئن شمع تي گذري رات، ڪنهن کي معلوم!

(٢)

مکڙيون کليون، ڏس آئي بهار، اي ساقي!
رلدن کي ڀري جام، پيار، اي ساقي!
مون کي نہ بهار گهرجي، نہ مکڙيون، نہ شراب،
مون ڏي تون رکو مرڪي نهار، اي ساقي!

(٣)

يارن جي روش کان گهڻو بدظن آهين،
دشمن جي هٿان ملول، منهنجا من آهين؛
ڪو تنهنجو سڄڻ آهہ نہ دشمن جڳ ۾،
تون پاڻ پنهنجو دوست ۽ دشمن آهين!

(٤)

غرقاب غمن ۾ سڄي دنيا آهي،
ڪٿيءَ کان ڪو آزاد نہ اصلا آهي؛
ڪر ترڪ تمنا تہ ڇٽين ڪٿيءَ کان،
ڪٿين جو سبب، تنهنجي تمنا آهي!

( ٥ )

العام چون ٿا، وڏي دولت آهي،
اعزاز وڏو جڳ ۾ حڪومت آهي؛
جي سچ پڇين، آهن ٻئي جنجال وڏا،
نعمت وڏي اي دوست، قناعت آهي!

حافظ "احسن" چنا

( ١ )

طاعت ۾ ريا، فريب شيطاني آهي، بيفائده شغل سبح گرداني آهي،
نادان نه ٿي تون، پر ٿي دانا، زاهد، دائن جو ڳڻ تنهنجي هيءَ نادالي آهه.

( ٢ )

ڪر زندگيءَ ۾ عشق جي دولت حاصل، ڇڏ غير کي، ڪر حق جي طاعت حاصل،
ري عشق حقيقي جي نه ڪر عمر زيان، بيدرد کي ٿئي ڪين سعادت حاصل.

( ٣ )

اقبال کي ناهي ڪو زماني ۾ بقا، هڪجهڙو رهي ڪين ٿو اقبال سدا،
اقبال کي تون آبتو ڪري ڏس ته ذرا، صورت ۾ سو 'لابقا'! ٿيو آهه صفا.



”مون کي ھي ڏسي انتھائي مسرت ٿي آھي تہ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو پھريون ساليانو اجلاس ٣١- جنوري ١٩٦٠ع تي ڍاڪا ۾ ٿي رھيو آھي. اڄوڪي ڏينھن تي، گذريل سال، مون رائيٽرس گلڊ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ھئي. اڄ مان نھايت دلچسپيءَ سان گلڊ جي ارتقائي منزلن کي ڏسڻ لاءِ چشم براه آھيان. مان نھايت خوش آھيان، ۽ اوھان جي ڪاميابيءَ تي، ڪڏ اديبن ۽ شاعرن جي بھبوديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ھڪ منظم ۽ صحتمند ادارو قائم ڪيو ويو آھي، ان سلسلي ۾ منھنجي دلي مبارڪ قبول فرمائيندا. مون کي يقين آھي تہ اوھان جھڙا اديب ۽ عالم ھروڀرو ڪنھن مشوري جا محتاج نہ ھوندا، پر جي اوھين مون کي اجازت ڏيو تہ ھوند ھڪ اھم ڳالھ بطور مشوري جي عرض ڪري ڇڏيان. آھا اھا تہ اوھان جو فڪر آزاد آھي، تنھنڪري اوھين پنھنجي تاثرات کي نھايت آزاديءَ سان لکو ۽ پنھنجي ماحول کان آزاد نموني ۾ متاثر ٿي، پنھنجي گرانقدر خيالات کي ظاھر ڪريو: ڪنھن بہ خوف يا ڪنھن مصلحت کي اڳيان آڻي، پنھنجي ذھن کي ملوث ۽ ڪُند نہ ڪريو. مان پنھنجي طرفان اوھان کي يقين ٿو ڏياريان تہ اھو ممڪن آھي تہ ذاتي ۽ انفرادي طور تي منھنجو اوھان سان اختلاف ٿي پوي — حتاڪ احتجاج بہ ڪري سگھان ٿو — پر ان سان گڏوگڏ اھو يقين پڻ ڏياريان ٿو تہ مان اوھان جي حقن جي حفاظت ڪندس، بشرطيڪ اھو وطن عزيز جي مفاد جي خلاف نہ ھوندو.“

— فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، صدر پاڪستان.

[پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي پھرئين ساليانی اجلاس،
منعقده ڍاڪا، ٣١- جنوري ١٩٦٠ع لاءِ پيغام.]

# ٢


١. سنڌ جي تاريخ جا چند واقعا — سيد حسام الدين راشدي
٢. پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ — محرم خان ايم. اي.

”’ادب‘ جي فني تعريف ڪي اگر تمام ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، ته پوءِ رڳو ائين چوڻ ئي ڪافي ٿيندو ته ’ادب جو منصب آهي زندگيءَ جي تعمير پسند معيارن ڪي، ازسر نو ڳولڻ ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ.‘

”ڳالهه آهي به بلڪل ائين، ادب ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ نهايت مضبوط فني ۽ تنقيدي رشتو قائم ٿيل آهي. هزارن طرفن ۾ منتشر ۽ اڻ سهيڙيل زندگيءَ ۽ ان جي مختلف مسئلن ڪي سهيڙڻ ۽ سمیٽڻ جي سلسلي ۾، متمدّن ۽ مهذّب انسان، ’ادب‘ کان وڌيڪ ڪو به مائر ۽ مفيد ذريعو پيدا نه ڪيو آهي. ’ادب‘ هر دؤر ۾ زندگيءَ جو ترجمان رهندو آيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو جڏهن اسان ادب جي قدرن جو ذڪر ڪريون ٿا، تڏهن ان مان اسان جي مراد ’زندگي‘ جا قدرئي آهي. ان کان ٻاهر ٻيو ڪو به مفهوم نه ٿو رهي. زندگي به هرلحظي تي نئون موڙ اختيار ٿي ڪري، ايتريقدر جو اڪثر وقتن تي، ان تبديليءَ جو اسان کي احساس ئي نٿو رهي. ان غير محسوس طرح سان، نئين موڙ کي اختيار ڪرڻ ۽ تبديليءَ کي قبول ڪرڻ کي معاشري جي هڪ ’داخلي ڪيفيت‘ ئي چئي سگهجي ٿو. ان جا خد وخال ان وقت ئي نمايان ٿين ٿا، جڏهن تغير جو عمل ڪنهن فيصلہ ڪُن عروج تي پهچي وڃي ٿو. ان وقت ئي اسان کي احساس ٿئي ٿو ته زندگي بدلجي چڪي آهي، ۽ زندگيءَ سان گڏ ان جا قدرَ بہ بدلجي چڪا آهن!“ غ. م. گ.



سيد حسام الدين راشدي

# سنڌ جي تاريخ جا چند واقعا

[جناب پير حسام الدين راشديءَ جي علمي شخصيت ڪنهن به رسمي تعارف جي محتاج ناهي. سندن علمي ۽ تحقيقي سرمايو، بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. سنڌ جي تاريخ تي سندن هر تحرير سَنَد جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. برصغير هند - پاڪ جي وڏي محقق ۽ مورخ، علامه سيد سليمان ندوي رح، کين ”قابل فخر مورخ“ سڏيو آهي. سندن فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان ۾ تاريخي تاليفات، تصنيفات ۽ محققانه تحريرن کي برصغير جي محققن کان علاوه، مستشرقين به پسند ڪيو آهي. پير صاحب، سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ شعري خزاني مان ڪيئي نادر ۽ ڪمياب مخطوطا هٿ ڪري، علمي مقدمن ۽ محققانه تعليقات ۽ مورخانه حواشي سان سينگاري پيش ڪري چڪو آهي؛ جن مان زياده تر سنڌي ادبي بورڊ جي پاران شايع ٿيا آهن. انهن مان ’مڪلي نامه‘، ’تذڪره اميرخاني‘، ’مقالات الشعراء‘، ’تڪمله مقالات الشعراء‘، ’مثنوي چنيسر نامه‘، ’مثنوي مظهر الاثار‘، ’مثنويات و قصائد قانع‘، ’تاريخ مظهر شاهجهاني‘، ’ترخان نامه‘، ’منشور الوصيت‘، ’هشت بهشت‘، ’حديقة الاولياء‘ ’روضة السلاطين‘ سندن شاهڪار سڏي سگهجن ٿا. سندن محققانه ۽ علمي خدمتن جي قدر افزائي ڪندي، کين شهنشاهه ايران رضا شاهه پهلوي ’آريه مهر‘، ”نشان سپاس - درجه اول“ عطا ڪيو آهي، ۽ پاڪستان پاران کين ”ستارهٔ امتياز“ سان نوازيو ويو آهي.

پي روايت آهي:

'ـــ خسرو باجميع توابع و لواحق ميرزا غازي، بدارالبرکة اجمير بملازمت پادشاه عالم رسيد... ـــ'(۱)

آخري روايت تحفة الکرام جي آهي:

'ـــ و بقولي وي از تته سوي بندر لاهوري شد و از اينجا به ايران شتافة و بقولي همين جا در گذشته ـــ'(۲).

ميرزا غازيءَ جي فوت ٿيڻ (۱۰۲۱ھ) بعد ميرزا خسرو چرڪس، عبدالعلي ترخان کي سنڌ جي تخت تي ويهاريو. جهانگير بادشاهه ميرزا رستم صفويءَ کي ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪري سنڌ ڏانهن اماڻيو، جنهن جي پهچڻ بعد عبدالعلي ترخان ميرزا خسرو چرڪس کي ارغونن ۽ ترخانن جي سموري قبيلي ۽ ڪٽنب سميت گرفتار ڪري مير عبدالرزاق معموري اجمير ڏانهن جهانگير بادشاهه جي سامهون پيش ڪرڻ لاءِ وٺي هليو. بادشاهه جي ڪيتري وقت کان اتي منزل هئي(۳). عبدالرزاق ۲۶- ربيع الاول ۱۰۲۲ھ (جمعرات) جو زوال ۾ آيل قافلي سميت شاهي حضور ۾ حاضر ٿيو. انهيءَ کان پوءِ جيڪي ڪجهه خسرو چرڪس تي وهيو واپريو، ان لاءِ مٿيون روايتون تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿيون.

تازو هندستاني دانشمند جناب S.A.I. Tirmizi دهليءَ منجهان Ajmir (۱۹۶۸ع) (Through inscriptions) نالي ڪتاب شايع ڪيو آهي، جنهن جي ذريعي مذڪوره مسئلي جي عقده ڪشائي ٿي آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته ميرزا خسرو اجمير ۾ پهچڻ بعد، نظربند يا آزاد رهي، پنهنجي زندگي اتي پوري ڪئي، ۽ وفات بعد دفن پڻ اتي ٿيو. خوشبختيءَ سبب سنڌس قبر اڄ ڏينهن موجود ۽ محفوظ آهي. ترمذي صاحب جو قول آهي ته حضرت خواجه معين الدين اجميريءَ جي مقبري جي ويجهو خواجه نظام الدين محبوب الاهي دهلوي جي حجري سان لڳ ميرزا جو مدفن آهي. قبر پڪي پختي آهي، جنهن تي چئن ڪرن جو تاريخي ڪتبو (سائيز ۵۳×۲½) موجود آهي. نستعليق خط ۾ ڪتبي جا شعر هن ريت آهن:

۱- آن خسرو خان، که دست جودش،
از دل، غم فقر و فاقه ميشست.

۲- از خيطهء سند بود، عمري،
بس گوهر عدل و داد را سفت.

---

(۱) ذخيرة الخوانين خطي ص ۱۶۳. (۲) خطي ص ۶۵. (۳) مڪلي نامه ۲۷۰-۲۷۱.

## ميرزا خسرو چركس جي مزار جا كتبا



آن خسرو خان كه دست جودش    از دل غم فقر و فاقه مي شست
از خطهٔ سند بود عمري    بس گوهر عدل و داد را سفت



آخر بگذاشت اين جهان را    خود رفت و بعالم بقا خفت
از دل جستم چو سال فوتش    جايش [بـ] بهشت هاتفم گفت

۱۰۲۸ھ



مزار مغلي بيبي



مزار مرڪي بيبي

## (٣) سنڌ جون ٻه شهزاديون

بيبي مغلي ۽ بيبي مرڪي سنڌ جي سمي بادشاهه ڄام جوڻي ثانيءَ (تغلق شاهه) جون نياڻيون هيون(١) ڄام خانداني خلفشار سبب ٻنهي نياڻين جي سڱابندي گجرات ۾ ڪري ڇڏي، جيئن وقت سر گجراتي سلطانن جي همدردي ۽ امداد سانس رهي.

بيبي مغليءَ جو نڪاح سلطان محمد واليءَ گجرات (٨٤٦-٨٥٥هه) سان ٿيو ۽ بيبي مرڪي حضرت قطب عالم (٧٩٠-٨٥٨هه) جي فرزند حضرت شاهه عالم (٨١٧-٨٨٠هه) جي عقد ۾ ڏني وئي. اهي نڪاح سال ٨٤٧-٤٨هه ڌاري ٿيا. بيبي مغليءَ مان سال ٨٤٩هه ۾ فتح خان پيدا ٿيو، جيڪو اڳتي هلي گجرات جو ناميارو بادشاهه ٿيو، ۽ تاريخ ۾ سلطان محمود بيگڙي (از ١٧- رجب ٨٦٣هه تا ٩١٧هه) جي سدا حيات نالي سان مشهور آهي. بيبي مرڪيءَ کي ٽي اولاد ٿيا. ١- بيبي امان ٢- بيبي وچين ۽ ٣- بيگ محمد عرف سيد ٻيڪڻ، جيڪو پنهنجي والد صاحب ۽ ڏاڏي جيان برگزيدو شخص ٿيو.

سلطان محمد واليءَ گجرات ٢- محرم ٨٥٥هه جو انتقال ڪيو، ۽ بيبي مغلي خانداني فساد سبب پنهنجي پٽ سميت نڪري اچي پنهنجي ڀيڻويءَ حضرت شاهه عالم جي پناهه ۾ رهي. بيبي مرڪي ٨٥٧-٥٨هه ڌاري انتقال ڪيو، ۽ وقت جي ضرورت سبب شاهه عالم بيبي مغلي کي پنهنجي عقد ۾ آندو.

اهي ٻئي شهزاديون وفات بعد احمدآباد جي لڳ پنهنجي والد ڄام جوڻي جي مقبري ۾ دفن ٿيون. اهو مقبرو پراڻيءَ اساول ۾ سابرمتي نديءَ جي ڪناري تي قطب پور جي قريب آهي. ٻنهي شهزادين جون قبرون اڃا تائين موجود آهن. بيبي مغليءَ جي قبر سفيد سنگ مرمر جي آهي ۽ بيبي مرڪيءَ جو مرقد سياهه سنگ مرمر جو آهي. ٻنهي تي چٽساليءَ جو لاجواب ڪم ٿيل آهي. ٻنهي قبرن جو فوٽو هتي ڏنو وڃي ٿو.(٢)

## (٤) شاهه حسن ارغون جي تاريخ وفات

تازو راقم 'روضة السلاطين' (سنڌي ادبي بورڊ) شايع ڪري چڪو آهي. شاهه حسن ارغون جي وفات جو قطع تاريخ ان ۾ شايع ڪرڻ کان رهجي ويو آهي. اهو قطعو انهيءَ دؤر جي مشهور شاعر قاسم ڪاهيءَ جي تصنيف آهي. محفوظ رکڻ خاطر هيٺ ڏنو وڃي ٿو:

---

(١) ڏسو مفصل احوال مڪلي نامه- ص ١١٩ تا ١٢٦ ۽ شجرو (ب) سمن سلطانن جو.

(٢) اهي فوٽا، ڪتاب The Design Development of Indian Architecture By C. Batley مان ورتا ويا آهن ڏسو ڪتاب مذڪور صفحو VIII ۽ پليٽ ٢٢

چون شاه حسن پادشهِ ارغوني،
زين بحر برآمد چو، در مکنوني،
تاريخ وفاتش ز خرد جستم، گفت:
دردا کہ، برون رفت شهِ ارغوني!

ارغونيءَ (۱۲۶۷) منجهان شه (۳۰۵) جا عدد ڪڍبا تہ حاصل ۹۶۲ھ ٿيندو، جيڪو شاهہ حسن جي وفات جو سال آهي(۱).

## (۵) مير حسين علي خان ٽالپور ۽ خادم بردواني

منشي محمدي 'خادم' تخلص، بردوان جو رهاڪو، فارسيءَ جو شاعر ۽ پنهنجي دؤر جو مشهور خطاط هو. سندس فارسي ديوان ۱۳۰۲ھ (۸۴-۱۸۸۵ع) ۾ مطبع قادريه ڪلڪتي مان شايع ٿيو آهي(۲)، جنهن ۾ سرڪار دولت مدار مير حسين علي خان 'حسين' بن سرڪار مير نورمحمد خان بن سرڪار مير مراد علي خان ٽالپور جي مدح ۾ 'خادم' جا ڇهہ قصيدا موجود آهن.

سرڪار مير حسين علي خان پاڻ بہ خوش ذوق شاعر ۽ مصنف هو. فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ سندس ديوان يادگار آهن. آزاد سنڌ جي بادشاهت جڏهن انگريزن جي هٿان ختم ٿي، تڏهن سرڪار مير حسين علي خان بہ ٻين شاهي قيدين سان گڏ ڪلڪتي وڃي باندي ٿيو. پاڻ ۲۶- ربيع الاول ۱۲۹۵ھ (۱۸۷۸ع) ۾ جهان ڇڏيائين ۽ حيدرآباد ۾ سرڪار مير ڪرم علي خان جي پهلوءَ ۾ دفن ٿيو.

'خادم' بردوانيءَ جا قصيدا جنهن صورت ۾ ٽالپورن جي ادبي تاريخ جو حصو آهن، تنهنڪري هن هيٺ ڏجن ٿا، جيئن سنڌ تي لکندڙن کي ضرورت وقت ڪم اچي سگهن.

( ۱ )

کسيکه طالع او سعد و کامران آمد
بہ بزم همچو تو، شهزادهٔ جهان آمد

من اين زمان کہ، زمين بوس درگهت گشتم
کلاه گوشه بختم بر آسمان آمد(۲)

خدا يگانا! بمدحت کنم چه انشاي
که طبعِ مدحِ گيرم، قاصر از بيان آمد

---

(۱) مواد التواريخ ص ۲۸۱ (۲) خادم جو مفصل احوال ڏسو منهنجي ڪتاب "دودِ چراغ محفل"- ۾
(۱) کلاه گوشه دهقان بہ آفتاب رسيد- کامران ميرزا جي غزل جو مصرعو آهي.

توئي که، فتح به پيش سپاه تو، بدويد
ظفر وکاب تو بگرفتة درعنان آمد

بروز معرکه خصمت نداشت پاي گريز
ز دستِ حمله سرش بر سر سنان آمد

چه حمله کي، زمين يکدگر بخود لرزيد
ز ترس رعشه بر اندام آسمان آمد

ز سهم، پر بهم آورد نسر طائر چرخ
چو تير مرغ تو، در خانه کمان آمد

حسودِ جاه، به پيشِ پلنگ هيبت تو
ز بون و خوار، چو روباه ناتوان آمد

سرير جاه تو از اوج آسمان بگذشت
که پايه اش به سر فرق فرقدان آمد

پي تياق، کمر بستة تا سحر مرّيخ
ببارگاه جلال تو، پاسبان آمد

بعهد عدل تو، شاهين ز بهر بچه کبک
گرفتة طعمه بچنگل، در آشيان آمد

جهان، مسخّر حکمِ تو گشتة است يکسر
هواي بندگيء تو به انس و جان آمد

به پيش حکم تو، خاکست همچو باد، سبک
چو خاک باد بعزم تو سرگران آمد

خدا يگانا! چه گويم ز حال خويش ترا
دلم ز دست جفاي فلک بجان آمد

ستيز او، بمنِ دلفگار تا باشد
به بين! که تيغ جفايش باستخوان آمد

پناه مي برم، اينک بزير سايه تو
که هر که مستظلِ تست، کامران آمد

کسيکه از کفِ جودِ تو بهره حاصل کرد
قدم گهش، بسرِ گنج شايگان آمد

ز دستِ جودِ تو، اي انجمن طراز کرم!
چه بحر و کان همه در شورش و فغان آمد
چه قرب و بعد، که هریک شدند برخوردار
چه نخل جود تو یا رب ثمر فشان آمد
هواي بزم تو مارا ز راه دور، آورد
نسیم وار شتابان، بـبوستان آمد
بباغ مدح تو، امروز بلبل طبعم
صفیر سنج، ز گلزار بردوان آمد
شبِ گذشته ندا داده بود، هاتف طبع
همین قصیده، که 'امروز بر زبان آمد
گهر شناسا! برگیر گوهر نظمم!
چنین گهر نه بدستِ کسي ز کان آمد
همین که، برسرِ خدام تو نثار کنم
و گر نه بهرچه، کالکم گهرفشان آمد
خموش باش، ازین نکته‌سنجي اي 'خادم'!
کنون ز بهر دعا رو، که وقت آن آمد
درین قصیده، دعائي تو برلبِ اظهار
به ختمِ مدح، که همچون نه دیگران آمد
سبب چه شد، که اجابت شتاب آمد و بود
نداد فرصتش از دل که تا زبان آمد

( ۲ )

کجا منم و کجا دعوئي مسلماني
بعشق آن بتِ هندوي ماه پیشاني
هزار تیر نگه، از کمان ابروئي خویش
در افکند بدلم از سرِ ستم راني
ازان زمان، که فتاد است چشم، بر زلفش
دلم شد است گرفتار صد پریشاني
بعشق آن بت ترسا چو کار من افتاد
شراب میزنم اینک بجام رهباني

کدام فتنه و آفت، ز چشم فتنه گرش
نداشت هر دلِ ریشم، ز لطف ارزاني
مرا بدوستي خود، چو یافت مستحکم
کمر به بست بکین، گشت دشمنِ جاني
چه سود ازان، که دم عیسوی ست در لب تو
اگر به پیش تو میرم، تو لب نجنباني
مکن جفای تو دگر، ورنه شکوهٔ تو برم
"بشاهزاده سیدِ" سکندرِ ثاني
امیر سید عالي نسب، "حسین علي"!
که هست بر سرِ تو، لطفهای یزداني
علو پایه تو چند هست، نتوان گفت
هر آنچه، مدح تو گویم، هزار چنداني
شها! توئي، که بیکدم لباس رنگا رنگ
بقدِ شاهدِ معني، ز علم پوشاني
خلاف راي تو، گر آسمان کند کاري
ز روئي قهر و سیاست، بخاک بنشاني
عنان ابلقِ ایام، هست در کفِ تو
بهرجهت، که تو میخواهیش، همیراني
غمام قهر تو، هر که نمود میگردد
فلک، ز خوف بجوید، کلاه باراني
براي زینتِ بزم تو، روز سب رضوان
کند، ز گلشن خلد برین، گل افشاني
گرفته چنگ بصد شوق، زهره استاد است
براي رقص، ببزمِ مت چرا نمي خواني
ز حال بخشش تو، خامه دودم تحریر
بجائي حرف، بکاغذ کنند زرافشاني
دراز عمر حسودِ تو، بسکه میخواهم
مگر بدرد و غم و غصه و پریشاني
کنون بمدح تو زینسا که نکته مي سنجم
مرا رسد که، کنم دعوئي سخنداني

شها بـه بـبـين، كـه بـكاخ سخن، دريچه فكر
ز مهر طبع خودم هر دمست نوراني

درين قصيده، نظر كن كه مختصر گفتم
كه تا ملال نيايد ترا، ز طولاني

بنظم مدح تو يكدم نظر كند اينك
كجا "ظهير" و كجا "عرفي" است و "خاقاني"

كنون، ز بخشش عام تو، نام حاتم طي
نمي رسد بزبان كسي، ز نسياني

بسي اميد، ز انعامهاى تو، دارم
ترا سزد، كه مرا بي نياز گرداني

ز بحر مكرمت خود، مرا بكن سيراب
كه قطره اش، بكند بهر تشنه عماني

"دو ماه" شد، كه من افتاده ام درين غربت
بصد هزار عنا و بصد پريشاني

روا مدار خدا را توقفي ديگر
برار مطلب من، زود كن بآساني

بس اين دعاي تو هردم هميكند "خادم"
كه تا زمانه بيا شد، تو در جهان ماني!(۱)



---

(۱) ديوان خادم ص ۶ تا ص ۱۰

محرم خان ايم. اي.



# پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات

## ۽

## قديم سنڌ

[محترم محرم خان ولد محمد يوسف وڳهامل، ڳوٺ نور خان وڳهامل، تعلقي هالا ۾، ١٨- جولاءِ ١٩١٨ع تي تولد ٿيو. قرآن شريف ۽ ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين، ۽ انگريزي، نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو، ۽ اتي ئي ١٩٤١ع کان ١٩٥٤ع تائين استاد ٿي رهيو. ١٩٦٢ع تائين سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ نصرت ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو استاد ٿي رهيو. ١٩٦٣ع کان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار آهي. ننڍپڻ کان ئي مغربي موسيقيءَ سان شغف پيدا ٿيس ۽ ان سلسلي ۾ ڪيئي سال صرف ڪيائين. ١٩٤٤ع ۾، رائل انڊين نيوي (بمبئي) جي ڊئريڪٽر آف ميوزڪ کان انهيءَ سلسلي ۾ سَنَد حاصل ڪيائين.

محترم محرم خان کي سنڌي شاعريءَ جي ارتقا تي کوجنا ڪرڻ جو گهڻو شوق آهي. ان سلسلي ۾ سندس چار مقالا "مهراڻ" ۾ هنريت شايع ٿي چڪا آهن: (١) "سُمنگ چارڻ- سنڌيءَ جو اوائلي شاعر": پرچو ١ ۽ ٢- ١٩٦٦ع؛ (٢) "قديم سنڌي شعر ۽ شاعري- تاريخي جائزو": پرچو ٣ ۽ ٤- ١٩٦٦ع؛ (٣) "شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ": پرچو ١- ١٩٦٧ع؛ (٤) "آريائي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ": پرچو ٢- ١٩٦٧ع. سنڌي شعر جي کوجنا جي سلسلي ۾ هي 'پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ'، چوٿون نمبر مقالو آهي. ان کان پوءِ پنجون نمبر مقالو تحرير هيٺ آهي، جنهن ۾ سمن جي دور جي شعر تائين تحقيق مڪمل ٿيندي. - ادارو]

* * *

اروڙ ۾ راجا موشڪن کي مارائڻ بعد، لاڙ جي پاتال بندر ۾ سمي چام (سامبس) سان صلح ڪري، سڪندر ساموندي ساحل تي گهڻو وقت گذاريو. تنهن جي تعمير ڪرائي، ان جي آبادي ۾ زبردست اضافو آندائين. پوءِ پيٿان (Peithon) کي پاتال جو والي بڻائي بابل پهتو، جتي (٣٢٣ ق. م.) ڪلياڻ جي پيشنگوئي پوري ٿي ۽ سڪندر وڃي ساهه ملهيو. سنياسي ڏنديءَ وارو سوال پڻ هتي سمجهه ۾ آيو. پيٿان پوءِ پوري مغربي پاڪستان (قديم سنڌ) جو والي بڻيو، پر سندس سيني مقبوضات مان سڀ کان اول (٣٢١ ق. م.) سنڌ مان ئي آزاديءَ جي لهر اٿي ۽ اها پاتال کان پيدا ٿي هئي. چندرگپت موريا جون گوريلا سرگرميون به ڏکڻ سنڌ (لاڙ) مان ئي شروع ٿيون (١). پيٿان درياهه ٽپي وڃي، بلوچستان ۾ دم پٽيو ۽ اتان آرڪوشيا (قندار) ڏي پڄي ويو. يوناني حڪومت ستن سالن اندر (٣١٦ ق. م.) پوري ٿي. ڏهن سالن بعد (٣٠٦ ق. م.) سيليوڪس نڪيٽر، سنڌوءَ جي ڪناري تي اچي موريا مهاراجا سان صلح ڪيو ۽ پنهنجي ايراني ڏيهه (افغانستان سميت) بندوسار موريا کي ڏنائين. انهيءَ مان اشوڪ اعظم ڄائو، جنهن ٽيون مشهور ميڙ ڪوٺايو (٢).

## اشوڪ موريا ۽ ٽين ٻوڌي مجلس:

بندوسار موريا جي مرڻ وقت (٢٧٣ ق. م.) اشوڪ افغانستان جو وائسراءِ هو. اتان اچي، پائرن مان چار سال چوٽون کائي، زوريءَ حڪومت هٿ ڪيائين. وري اڙديءَ سان پيرون وچائيندو، اچي ڪلنگا تي ڪڙڪيو ۽ خونريز جنگ کان پوءِ اتي جو به قبضو ورتائين. نيٺ جڏهن نڪرود نالي ڀڪشوءَ جي منهن چڙهيو، تڏهن توبهه تائب ٿي، اهڙين اڙدڙن کان هميشه لاءِ هٿ پڇتائيو.- "جنگي ڀير جو وڄڻ هاڻي هميشه لاءِ خاموش ڪيو ويو ۽ انهيءَ جڳهه تان هاڻي وري مذهب جي منادي گونجائي ويئي آهي. هاڻي لڙائي لاءِ ته ڪٽڪ ۾ ڪوبه ناد ڪونه وڄندو؛ باقي ديونمپيا (اشوڪ)، فقط چال ستارڻ جو سڏ وڏو آهي. "IV Major Rock Edict" (٣). منيد ۾ ٻارهن مهينا، پالپنڊت وٽ وهار ۾ ويهي، بيکو سنگهه کان وڌيڪ (سکيا) ورتائين.— "هاڻي پريه درشن (اشوڪ) کي پلي ته ڪير ڪيترو به کٽي ڏکوئي؛ پر ديونمپيا اهو سيکجهه صبر سان سهندو؛ "Minor Rock Edict"(٤).

اشوڪ جيڪو به قانون ڪيندو هو، انهيءَ تي اول پاڻ ئي عمل ڪندو هو ته مڙني لاءِ مثال بڻجي.— "اڳي شاهي دعوت ۾ روزانو ڪئين جانور ڪسندا هئا. پوءِ هڪڙو هرڻ ۽ ٻه مور سڄي محلات لاءِ محدود ڪيا ويا. هاڻي اهو هرڻ ته ڇتو، پر آئيندي لاءِ ته اهي

(1) Dr: Radha Kumud Mookerje: The Age of Imperial Unity. P. 58
(2) G. W. Cock: Greeks in India. P P. 41, 42, 44
(3) Dr: Radha Kumud Mookerji: Age of Imperial Unity p. 83.
(4) Ibid. p. 74

ڳيچن ۾ ڏيکاريو آهي. اهو ساڳيو ئي طريقو، ياسڪ منيءَ وري ويدن جي ’نيروڪت‘ ناهڻ لاءِ ڪم آندو آهي(١).

جاتڪ (ڳاهن سان ڳالهيون Pious legends): اندو-پاڪستان جي ادبي خزاني جي اصلي ڪاڻ ته اهي جاتڪ ئي آهن، جيڪي اندازاً پنج-ڇهه سؤ ڪن ٿيندا. انهن آکاڻين جو هيرو، ڪن حالتن ۾ ته مهاتما ٻڌ پاڻ ئي آهي، هرهڪ جاتڪ جا مکي پنج انگ آهن: I- موقعو: جنهن تي مهاتما اها آکاڻي ٻڌائي هئي. II- ڪٿا: يعني نثر ۾ آکاڻي. III- ڳاهون: جيڪي قصن جي تصديق لاءِ سند طور اچن ٿيون. IV- وياڪرڻ يعني ڳاهن جي وياڪيا ڪرڻ يا ڳيت جو مطلب سمجهائڻ ۽ V- سموڌنا: يعني آکاڻيءَ جو ٻڌ ۽ مذهب سان لاڳاپو.

هي ڪٿائون مختلف نوعيت جون آهن، جن مان ڪي ته جانورن ۽ پکين وغيره جون ساديون ۽ رواجي آکاڻيون به آهن. انهن ۾ موزون ۽ سرانتا فقرا عام جام اچن ٿا. ڪي وري نصيحت آميز حڪايتون، دنياوي دستور (نيتي) سيکارڻ لاءِ آهن. انهن ۾ به مقبول عام چوٽيون ۽ سيانپ جا سخن ڳايل آهن. ڪيترين ڪهاڻين ۾ زال ذات جي چڪر ۾ ڦاسڻ کان آگاهي ڪيل آهي. اهڙيون آکاڻيون جاتڪ نمبر ٦١، ٦٢، ... ۽ ٥٣٦ وغيره ۾ سميٽيل آهن. انهن ۾ حڪيمانه قول ۽ ناصحانه ڳاهون ڳايل آهن. جاتڪ نمبر ٥٢٧ جي نصيحت آميز قصي ۽ ان جي ڳاهن کي اهڙي ته ناٽڪي نموني ۾ ترتيب ڏنل آهي، جو اهو سورهن ئي آنا سانگ (Drama) پيو لڳي. ڪتي وري تبليغي وعظ جي نموني تي خاص مذهبي ۽ اخلاقي آکاڻيون به آهن. اهڙين پاڪ حڪايتن ۾، صبر، شڪر ۽ قناعت جي تلقين ڪيل آهي. انهن ۾ جيڪي آتت ڏيڻ واريون ڳاهون آهن، تن جي مراد اهڙن ماڻهن کي ڏيڻ ڏيڻ معلوم ٿئي ٿي، جن کان اجل پنهنجا جاني جدا ڪيا هجن. مٿين مڙني جاتڪ-ڪٿائن جو عڪس، اڄ به دنيا جي اڪثر لوڪ ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. جاتڪ نمبر ٦٧ ۾ هڪڙي مائي، پنهنجي پٽ ۽ مڙس کي بچائڻ بدران، ڀاءُ جي جيئدان لاءِ اچي عدالت ۾ عرض ڪري ٿي؛ تنهن سان مشابهه آکاڻي هيرو ڊوٽس به لکي آهي.

هنن حڪايتن جي پيڙهه اصل ۾ انهن گاٿائن (ڳاهن) تي رکيل آهي، جيڪي ڇپي ڇپي تي آکاڻين اندر ڳايل آهن. انهيءَ ڪري اهي ڳاهون ته بيشڪ بنيادي آهن، پر انهن جي نثر وارو حصو، جيڪو نظم جي اڳيان پويان فقط آکاڻيءَ جي سلسلي بيهارڻ لاءِ پرتي ڪيل آهي، سو پڪ سان پوءِ جو آهي. مگر اهو نثر وارو بيان به نظم جي چوڌاري اهڙي ته ڪاريگريءَ سان اڻيل آهي، جو ان ۾ ڳتيل ڳاهون خود بخود آکاڻيءَ کي اڳتي ڌڪينديون، آخري مقصد ڏي وٺي اچن ٿيون. نثر سان گڏ هر مضمون وارا مقولا ۽ قديم چوٽيون عام جام اچن ٿيون. اهي جاتڪ نه رڳو ادبي اعتبار کان اندو-پاڪستان جو قيمتي ورثو آهن، بلڪ

---

(1) Dr: A. D. Pusalker: Age of Imperial Unity p. 406.

پڇڙيءَ سان ملائڻ جو ڪم ڏنائين. انهيءَ ڪري ان کي ميلاپڪ (جوڙ يا ڳنڍ) چيو ويو. اهڙيءَ طرح آخرڪار پربنڌ جا پورا چار چرن جڙي بيٺا ۽ فقط اهڙي مڪمل پربنڌ کي ئي 'چترڌاتو' (چؤ-ٽڪو) پربنڌ چئي سگهبو هو، جنهن ۾ ادگره، ميلاپڪ، ڌروا ۽ ابوڳ اهي سڀئي انگ سمايل هوندا هئا. پربند جي بلڪل ئي پوئين دوُر ڌاري ان ۾ هڪڙو نئون انگ 'آنترو' (Intermediate) آندو ويو. پر جيئن ته چترڌاتو پربنڌ ۾ ٽڪن جو تعداد (دوهي وانگر) هرحالت ۾ پورا چار چرن رکئو هو، انهيءَ ڪري ملائيندڙ پد (ميلاپڪ) پنهنجو پاڻ نڪري ويو ۽ انتري انهيءَ جي جاءِ والاري(۱). "انهيءَ مان معلوم ٿيو ته پهريائين پربنڌ گيتن ۾ انترو (اندريون فقرو) هوئي ڪو نه. اهو گهڻو پوءِ پربنڌ اندر داخل ٿيڻ لڳو آهي. نه ته پوري پربنڌ (چترڌاتو) ۾ پهريان چارچرن هوندا هئا. انترو انهيءَ ڪري نه ايندو هو، جو انهيءَ جي عوض 'ميلاپڪ' ٽڪ اڳيئي موجود هئي. مطلب ته ميلاپڪ ۽ انترو، ڪنهن به پربنڌ ۾، ٻئي ساڳئي وقت ڪڏهن به ڪم نه آيا آهن"(۲). پربنڌ جا پوءِ ڪيترائي نمونا مضمون جي مناسبت، ان جي بيهڪ، توڙي چند ۽ تال جي ترتيب پٽيان مختلف نالن سان مشهور ٿيا. چند ۽ تال جي نسبت وارا اهي ساڳيا نالا پوءِ ڪيرتن جي جدا جدا قسمن تي رکيا ويا، جن مان ڪي اڄا تائين هلندڙ آهن(۳).

پربنڌ جي مضمون ۾ راجائن، مهاراجائن، مشهور ماڻهن، ڏاتارن ۽ ديوتائن جي تعريف هوندي هئي. اهي پربنڌ اسلامي حڪومتن جي اچڻ وقت عام جام هلندڙ هئا. پربنڌ کي پوءِ سازيندي جي اصطلاح ۾ 'گت' چيو ويو. اهو لفظ گيت مان کسي وڃي گت بيٺو آهي ۽ هاڻي ان جي معني سَرود، لئي يا ترنم (Rhythme) آهي(۴). پربنڌ گيت جي انهيءَ تدريجي اوسر ۽ ارتقا مان ئي اندازو ٿي سگهندو ته اسان جي اڳوڻي فنڪارانه ڪلام جو بنياد به اهوئي ساڌو پاڌو ۽ ابتدائي لوڪ گيت آهي، جيڪو چندرگپت موريه ۽ ان بعد اشوڪ جي پوڌي زماني ۾ اوڌون ڪائي اسريو. انهيءَ جي اوڌ ۽ واڌ تي ٻاهرين قومن جو اثر به يقيني آهي، جيڪي الهندي ڪان آيون. مگر انهن جي ادبي ڪارنامن بابت اسان کي پوري معلومات نه آهي.

ڏيهي گيچ تي حملي آورن جو اثر: سوريا حڪومت کان هڪدم پوءِ، بختر جو يوناني بادشاهه ڊيمتيريس اول هتي جو حاڪم ٿيو. سندس وڏو پٽ ۽ وليعهد، شهزادو پنتالين (Pantalean)، اسان کي معلوم آهي ته يوناني علم ادب جو ڪوڏيو ۽ رقص وسرود جو وڏو شائق هوندو هو. سندس جاري ڪيل سڪن مان به اهڙي ثابتي ملي ٿي. هن جا سڪا، جيڪي هينئر سنڌو واديءَ (مڪران-گجرات) مان مليا آهن، تن تي هڪڙي رقاصه نچي رهي آهي. انهيءَ کي سوڙهي سٿڻ، ڪنن ۾ ويڪرا والا ۽ وارن ۾ گل لڳل آهن. هيءُ شهزادو

(1) Gosvami: The Story of ... 112. (2) Prajn: Historic ... p. 180.
(3) Gosvami: The Story. p. 114. (4) Ibid. p. 113.

ڪان بہ ڪو اڳي ٿيو هوندو. پنگل، اچارن جي ڳاڻيٽي لاء جيڪو نند ي ۾ نند و ايڪو (ورت) ورتو آهي، سو 'تِرڪ' (ٽِڪو) آهي. يعني اهو مفرد لفظ جنهن ۾ ڪو از ڪم ٻي اکر اچن. ليڪن ڪوبہ غنائي فقرو، جنهن ۾ اهڙا بہ تِرڪ (ڇهہ آچار) يا ڇهن ڪان گهٽ اکر آهن، سو هن جي مطلب جو نہ آهي.... حقيقت ۾ هن رڳو 'ڇڙها' سوترٽي سمجهايا آهن، تنهنڪري پنهنجي پستڪ کي پڻ 'سوتر ڇندس' ڪوٺيو اٿس. هو اچارن جو ڳاڻيٽو ڪندي، ڪن اهڙين سٽن تائين بہ آيو آهي، جن ۾ اهڙا آٺ تِرڪ اچيو وڃن ٿا. مگر انهن لاء مناسب مثال ۽ موزون دليل بلڪل ڪونہ ڏنا اٿس. ٻي ڳالهہ تہ هن رڳو زباني جهونگارن جي ٻي بنياد تي تجربا ڪيا آهن ۽ ڪنهن بہ لکيل ٽُڪ جي تحريري صورت (بيهڪ=Adhvan) ڪان هو قطعي بيخبر آهي، ۽ نہ وري اکرن يا آوازن جي ڊگهائي ڇوٽائي کي بہ ڪو خيال ۾ آندو اٿس. انهيء مان ثابت آهي تہ سندس وقت ۾ سوتر ۽ ٽُڪون اجا عام طرح تحرير هيٺ نہ آيون هيون ۽ شايد اهو ڪم بہ اول هن ڪان ٿي چالو ٿيو"(١).

پنگل ڪان پوء، پيو بہ جيسلمير جو هڪڙو عروضي ماهر، جئہ ديو، جنهن جو 'جئہ ديو ِ ڇندس' مشهور آهي، سو عيسوي ٻي-ٽين صديء ڌاري ٿي گذريو آهي. پنگل جي برعڪس، هن وري شعر جي 'لِکت' (اڌوَن) جو بحث ڇيڙيو آهي. چي: 'ڪن بہ لکيل پن ماترائن جي وچ ۾، هڪ اَگر جيتري جڳهہ ڇڏيل هجي; تڏهن سِٽ جي ماپ سمجهہ ۾ ايندي.' انهيء مان اندازو آهي تہ شايد سندس زماني ۾ شعر جي لکت چالو ٿي چڪي هئي. هن جي ڪتاب تان اپينو گپتا، سويمبو، وراهہ مهر ۽ هيمچندر مدد ورتي آهي. خاص اپرنش وارو 'تال ڇند' شايد هن ڪان گهڻو پوء، ڀرت جي زماني ڌاري ٿيو آهي.

ڀرت پنهنجو 'نٽ شاستر' ٽين-چوٿين صدي عيسويء ۾ لکيو آهي(٣).-"هن ۾ پراڪرت جا نمونا ۽ مثال سڀ پورا ۽ باقاعدي ڏنل آهن. سورهون ۽ ٻٽيهون باب، ڇند جي سمجهڻ لاء بلڪل اهم آهن. خاص طرح ٻٽيهون باب (گِيا geya) تہ نهايت ٿي دلچسپ آهي. هن ۾ سڀ سرائتا بول ڪٺا ڪيل آهن. جن ۾ ڇهن اکرن ۽ ان ڪان گهٽ اچارن وارا فقرا پڻ بحث ۾ آندا اٿس. اهو سندس ڇوڻ موجب، 'گِيا ڇند' آهي"(٤). ليلو رچنداڻي، سنڌوء جي جهلڪ (ص ١٠٨) ۾ لکي ٿو تہ: هن ڪتاب ۾ اپرنش ٿي ڪم آيل آهي. اپرنش جي احوال اچڻ ڪان اڳ، سنڌ جي علمي ۽ ادبي ماحول جي بہ هڪڙي جهلڪ ملاحظ فرمايو، جا تاريخ ۾ ڪنهن طرح سان محفوظ رهجي ويئي آهي.

---

(1) Dr: M.A. Mehendale: Imperial unity. PP. 271-272.
(2) Ibid. P. 273.
(3) Prof: O. Gosvami: The story of... P. 42.
(4) Dr: M.A. Mehendale: Imperial unity. PP. 272-273.

(بَجرياتي) فرقي وارا سنت فقير، تانترڪ 'مَنڊل' (مجلس) ۾ ويهي ڳائيندا هئا. بجرياتي منڊل 'چڪر' (دائري يا حلقي) ۾ ڳايل ڪريه ۽ وجر ڳيتن مان 'وجر ڌارڪ' (پوڄاري يا عابد) ڪي سندس توجهه ۾ تسڪين ٿيندي هئي. ٻوڌي منڊل چڪر جي نموني تي ٻوءِ وارو هندو برهمڻي 'واماچار' (وِيچار) منڊل چڪر بڻيو. جنهن ۾ مڇي، ماس، شراب، هٿنات (مدرا) ۽ زناڪاري نه فقط جائز هيون، بلڪ اهي پنجئي ڳالهيون ٻوءِ ساڌڪن لازمي ۽ مستقل بڻجي پيون(١). انهن جو تفصيل ڏيڻ تهذيب جي خلاف آهي.

ڪريه ڳاهون، مضمون توڙي ترتيب ۾ وجر ڳيتن کان ڪجهه قدر مختلف هونديون هيون. ڪريه ڳيت ۾ ٽي يا بعضي ته پورا چار پد (انگ) به هوندا هئا. انهيءَ حالت ۾ ٽئين يا چوٿين انگ (تڪ) کي 'ڌرو پد' يا مستقل فقرو چئبو هو، جيڪو وري وري ڳائبو رهبو هو. جي فقط ٻه تڪون هونديون هيون ته وري ٻئي پد کي به ڌروپد چئبو هو(٢). وجر ڳاهن جي ترتيب ۾ وري ٻه يا ٽي (مشڪل سان چار) تڪون ڪم آندل آهن، جن جي جوڙجڪ مختلف سٽن جي مقابلي مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. ساهتيه ۽ سنگيت جي سلسلي ۾ انهن ڳيتن کي 'نبڌ پربند' ڳيت شمار ڪيو ويو آهي. اهي ڳيت بغير تال جي ڳائبا هئا. انهن جي ٻي ۽ چوٿين تڪ سان پَنِيتا (قافيو) نهيو آهي. مگر اڪثر ڪري ڪريه ڳاهن ۾ ٽي تڪون ٿي هونديون هيون، جيڪي: آدڪيرهه، ڌُرو ۽ اپوڳ سڏبيون هيون. مطلب ته هنن ڳيتن ۾ ميلاپڪ (ملائيندڙ) تڪ نه هوندي آهي(٣).

ڪريه ۽ وجر ڳاهن جي ڳائڻ جو خاص مقصد، سهج واريءَ ڪيفيت ۾ تسڪين قلب ۽ ان جو انتهائي سُرور (مهاسُک) حاصل ڪرڻ هو. سُني دت ۽ ادويه وجر انهن تي ٽيڪا ڪندي لکيو آهي ته: ڪريه ۽ وجر ڳيتن جي مضمون جي معنيٰ مخفي ۽ سندن ٻوليءَ جو پتو مطلب هوندو هو. انهيءَ ڪري انهن کي سَنڌيه ڀاشا، سنڌيه واڪ يا سنڌ يا سنگيت چئبو هو. حقيقت ۾ اها جوڳين جي راز واري گفتگو ۽ سندن اندروني ٻولي (Code Language) هئي، جنهن کي پنهنجو پاڻ ۾ ئي پروڙي ۽ سمجهي سگهندا هئا(٤). اهي ڪريه پد، ڪن وجرياتي آچارين، سِڌ آچارين ۽ سهجيه آچارين جا جوڙيل ۽ جمع ڪيل آهن. انهن ۾ ڪريني پا، ڪانهو پا، وبروپا، لُئيي پا، هادي پا، سوَري پا ۽ سرها پا (٧٥٠ع) وغيره جا نالا مشهور آهن، جيڪي جملي چوراسي چيا وڃن ٿا. انهن جو زمانو الڳ الڳ آهي(٥). 'ٻوڌي سنياسين (سِڌ آچارين) ڪيتريون ئي ڳاهون جوڙيون. ٻوليءَ جي اعتبار کان انهن کي 'ڪاٿا ڀاشا' چيو ويندو هو. ڪي ماڻهو ائين ڀانئيندا هئا ته ڪريه ۽ وجر ڳاهن جي ٻولي

---

(1) Dr: Nolinaksha Dutt: Imperial Kanauj. p. 266
(2) Prajna: Historical: p. 218
(3) Ibid. p. 286 (4) Ibid. pp. 218-219 (5) Ibid. 216

”جنهن قوم ۾ غلط معيار رائج ٿين ٿا، پوءِ ڪٿي ان قوم جي زبان انهن غلط معيارن کي ڀلي ته بهترين نموني سان — جهڙوڪ شعر ۽ موسيقيءَ ۾ — زياده ڪان زياده متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي، تڏهن به اهڙيءَ زبان جو نه فنا ٿيڻ هڪ معجزو چئبو. اهو ئي سبب آهي جو پرائين طرزن جو شعرگوئيءَ ۽ عام موسيقيءَ تي بندش وڌي ويشي ۽ مٿن ملامت ڪئي ويئي. اها ملامت خود شعر خواهه موسيقيءَ تي نه هئي، پر انهن جي غلط استعمال تي هئي.“

— علامه آءِ. آءِ. قاضي

# ٣

## لوڪ ڪهاڻيون

١. ”سنڌ - راڻي“ — ممتاز مرزا
٢. شهزادي سامريءَ جي ڳالهه — ”ذوالفقار“ راشدي
— تبصرا
— آديسي آئي ويا…… — پير علي محمد راشدي

"ذوالفقار" راشدي



# شهزادي سامريءَ جي ڳالهه

## (بلوچي لوڪ ڪهاڻي)

[محترم ذوالفقار راشدي، سنڌ جي مشهور راشديه خاندان جو نوجوان شاعر ۽ اديب آهي. ١٠- مارچ ١٩٣٨ع تي، پير ڳوٺ، تعلقي رتيديري ۾ ڄائو. سندس ڏاڏو قبله عبدالحي شاهه وڏو عالم بزرگ هو. هيئنر سندس والد سيد محمد امام شاهه، پنهنجي گهراڻي جو ستون پڳدار آهي. محترم راشدي صاحب علمي ۽ ادبي ماحول ۾ ڄائو، پڙهيو ۽ وڏو ٿيو آهي. ١٩٤٩ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين. سندس مطالعه جو شوق، داستانن جي پڙهڻ سان شروع ٿيو. سنڌي زبان ۾ پنهنجي انفرادي ڪلام، افسانن ۽ مضمونن سان قدر لائق اضافو ڪيو اٿس ۽ مصروف لکندڙ آهي. ١٩٥٣ع ۾ هفتيوار "هاري" اخبار لاڙڪاڻي ايڊٽ ڪيائين. ١٩٦٠ع ۾، لاڙڪاڻي مان هفتيوار رسالو "مذهبِ انسانيت" جاري ڪيائين، جو اڳتي هلي بند ڪرڻو پيس. "مهراڻ" رسالي ۾ ابتدا کان وٺي، سندن علمي، ادبي يا تحقيقي، تاريخي مقالا ۽ اصلاحي ۽ فڪر انگيز افسانا، توڙي شعر و شاعري، تي شاهڪار شايع ٿيندا اچن ٿا. - ادارو]

* * *

گهڻن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جو قلات ڏيهه تي هڪ بلوچ سردار بادشاهي ڪندو هو. بادشاهه پاڻ الله آهي، پر هو زماني جو بادشاهه هو. نالو هوس عبدالله خان. هن حاڪم کي الله جو ڏنو سڀڪجهه هو: راڄ، ڀاڳ، مال، رزق، آل اولاد ۽ لشڪر خزانا، ڪنهن شئي جي ڪوتي ڪانه هيس.

شهزادي جي مون سان ڏاڍي دل هوندي هئي. هو ماني بہ منهنجي هٿ جي ڪاڻيندو هو. مان بيمار-سيمار ٿيندي هيس تہ شهزادي جو ڪاڏو پيتو وڃڻ ٿي ويندو هو. اڄ فجر مهل اتو ويٺي ڳوٺيم تہ هڪ مک منهنجي اکين آڏو آڏرڻ ۽ پڪارڻ لڳي. مان مک کي تڙڻ لاءِ اکيون پوٽي هٿ هنيون تہ جان ڪٽي اکيون پٽيان تہ مار، ڪٿي رهيو اتو ۽ ڪٿي رهيو محلات! مان تہ پنهنجي جهڳيءَ ۾ ويٺي آهيان.

پُڏنون ٿا تہ اڄ بہ انهيءَ ڏيهہ ۾ سونهن سنجري ٿي، پيار ڪيا وڃن ٿا ۽ جهوپڙين جي محبت جيئري آهي. شايد ڪوبہ ارڏو ۽ زوراور شهزادو انهن کي هميشه لاءِ لٽي نہ سگهيو.



سيٺ نائونمل پنهنجن آقائن جي فوجي تنظيم ۽ سپاهين جي بهادريءَ جي ساراهه ڪئي آهي، پر حقيقت ته هيءَ آهي ته ميرن جي فوج ۾ نائونمل جا چاڙتا ۽ وطن دشمن عناصر شامل هئا، جن کي نائونمل طرفان رشوت طور رقمون ملنديون هيون. هن دعويٰ جو ثبوت سر رچرڊ برٽن جي بيان مان ملي ٿو.

هو لکي ٿو:

”اسان کي سرڪاري دفتر مان نه وري هيءَ زباني معلوم ٿي سگهيو آهي ته ميرن جون توبون ڇو هوا ۾ گولا وسائينديون ٿي رهيون، نه وري هي معلوم ٿي سگهيو آهي ته ٽالپرن جي کهڙي غدار سردار ميرن جي سوار فوج کي پاڇ ٿي مجبور ڪيو هو؟ شايد اهو وقت اچي جو مؤرخ هنن حقيقتن کي بي نقاب ڪن. هن وقت، جا تاريخ اسان وٽ پيش ڪئي ويئي آهي، سا محض هڪ افسانو آهي.“

سچ پچ، سنڌي ادبي بورڊ، هي ڪتاب ڇپائي، واديءَ سنڌ جي نئين نسل تي وڏو احسان ڪيو آهي. هُو جڏهن هي ڪتاب پڙهندا، تڏهن کين خبر پوندي ته ڪنهن به تحريڪ ۾ وطن دوست ماڻهن سان گڏ ڪي چاڙتا به موجود هوندا آهن، جيڪي سيٺ نائونمل وانگر اڏوهي بنجي، وطن جي طاقت ۽ طاقتور بازوئن کي اندران ئي اندران ڪائي ڪمزور بنائي ڇڏيندا آهن.

هن ڪتاب جو ٽيون باب سنڌ جي قديم شهرن، بندرن، ڪارين، واهن ۽ ڍورن جي هڪ تاريخ آهي. هن باب ۾ ان دؤر جي تجارت ۽ تجارتي وسيلن جي تاريخ بيان ٿيل آهي. هن باب ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته آن وقت ميرن جي هٿ هيٺ ڪهڙا ڏن پرو، جام، ملڪ ۽ سردار هئا. هن باب ۾ پس پردهه اهو به بيان ٿي ويو آهي ته ڪيئن نه سنڌ جي سپوتن، لغارين، جاکرن، نومڙين، ڪوسن، ڪرمتين، ٻُرڙين ۽ ٻين قبيلن انگريزن سان ڇڪريون ڪاڏيون، ۽ تاريخ ۾ سنڌ جو سر اوچو ڪيو.

هي ڪتاب انگريزي ٻوليءَ مان محترم محمد حنيف صديقي صاحب ترجمو ڪيو آهي. ڊيمي سائيز، سفيد پني تي، ٢٨٠ صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت ڇهه روپيا آهي. صديقي صاحب ترجمي ڪندي نهايت سليس ٻولي ڪم آندي آهي.

ـــ خواجا غلام علي الانا.

(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريي سان)

پير علي محمد راشدي

## آڏيسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين!

(شاهه)

## لطف الله ”جوڳي“ (بدوي) مرحوم



[سنڌي ادب جي مشهور اهل قلم ۽ مصنف، شاعر ۽ محقق، پروفيسر لطف الله بدوي، ١٩- نومبر ٦٨ع تي شڪارپور ۾ وفات ڪئي آهي. مرحوم سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪندي ساري عمر گذاري ڇڏي. پوئين وقت تائين لکندو رهيو. سندس علمي ۽ ادبي ڪم، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر رهندو. شعر و شاعريءَ کان سواءِ ادب ۽ فن جي هر صنف تي سندس قلم هلندو رهيو. ديني ۽ علمي مقالا، تاريخ ۽ سير، تحقيق ۽ تنقيد، ناول ۽ افسانا، ڊراما ۽ داستان، بهرحال هر موضوع تي سندس ڪتاب ۽ مقالا موجود آهن. سندس علمي مقالا ’سنڌو‘، ’توحيد‘، ’نئين زندگي‘ ۽ ’مهراڻ‘ سه ماهيءَ ۾ سون جي تعداد ۾ شايع ٿيا آهن. ڪتابن ۾ مختلف موضوعات تي ٽيهه ڪتاب آهن ۽ اڻڇپيل ذخيري ۾ نَوَ اردو مسودا، ڇهه فارسي مسودا ۽ تيرهن شعر جا ڪتاب آهن. سندس علمي ۽ ادبي شخصيت لاءِ مشهور اهل قلم جناب پير علي محمد صاحب راشديءَ جو تاثر پيش ڪجي ٿو. — ادارو.]

* * *

اهل قلم لاهي ڪونہ سگهندا. انسان وڏي شئي ٿئي ٿو. رعب انسان جو ٿوي ٿو، اهل قلم جو ڪونہ ٿو ٿوي. منهنجي لاءِ تہ جوکيءَ جهڙي عمر جي علمي رفيق جو لاڏائو انتهائي ذاتي صدمي جو باعث آهي.

لنگهي ٻب ٻري ٿيا، چڏي رڻ راڻو،
ڏيئي ڦوڙائو، ويا ويچاري سپرين!

الله تعاليٰ ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي. سنڌ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو پيدا ڪيا، ۽ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو منجهانئس لڏيندا پيا وڃن!

[روزانہ "عبرت" حيدرآباد جي مهربانيءَ سان.]



"سائنس" لاطيني ٻوليءَ جو هڪ لفظ آهي، جنهن جو جيڪڏهن اسان سوليءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪنداسين ته مطلب ٿيندو "علم" يا "ڄاڻ". لفظ "ٽيڪنڪ" (ڪنهن به فن، هنر يا صنعت جو) جي معنيٰ آهي ڪنهن تجويز (Design) کي عمل ۾ آڻڻ جو طريقو. هاڻي مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته انهن ٻن کي "جديد زماني" جي خصوصيت ڇو سڏڻ گهرجي؟ مان سمجهان ٿو ته لفظ "جديد" اڄڪلهه هڪ ڀوت (Phoebia) بڻجي پيو آهي، ۽ اڻندي ويهندي پيو استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ ان مان خيال جي مونجهاري کان سواءِ ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي. جيستائين مون کي معلوم آهي، "ڄاڻ" جي ڪوشش ۽ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي ٽيڪنڪ جو استعمال اهي صنعتون آهن، جيڪي نه رڳو آڳاٽي انسان کي حاصل هيون، پر سندن اڳين يعني ته پکين ۽ جانورن کي به حاصل هيون. ذڪ جي ڳالهه آهي جو ارتقا جو نظريو، جيڪو چوڏهن سؤ سال اڳي مذهبي طرح مروّج ڪيو ويو هو، تنهن ڏانهن تعليمي ادارن ۾ به اهڙو ڌيان نٿو ڏنو وڃي، جهڙو سندس حق آهي. اهو سوچڻ ته ابن مسڪويه ان جا تفصيلات تيار ڪيا، ۽ مولانا روميءَ، ڊارون کان ڇهه سؤ سال اڳ، ان کي اهڙو عام فهم بڻايو جو رواجي انسان به ان کي سمجهي ٿي سگهيو، پڙهندڙن ۾ ان لاءِ ايترو شوق پيدا نه ڪيو آهي، جيترو سندس حق آهي. ان جو مکيه سبب اهو رهيو آهي، جو پراڻن مذهبن جي پوئلڳن لاءِ هيءَ راهه اختيار ڪرڻ ڏکي ڳالهه ٿي رهي آهي، ته مذهب به انسانذات سان گڏو گڏ وڌيو، ويجهيو، آسريو ۽ نسريو آهي. اهي اڃا تائين هي ٻڇي رهيا آهن ته "ڇا مذهب به تاريخي آهي؟" —علامه آءِ. آءِ. قاضي

["اسلامي تعليم ڇا کي چئجي؟" – "مهراڻ": ٣-٤/١٩٦٦ع]